
مينهن ڪٽيون
(شاعري)
سڪندر هاڙهو

# مينهن ڪٽيون

(شاعري)

سڪندر هاڙهو

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

Book No:19

مينهن ڪٽيون
شاعري
سڪندر هاڙهو
ڪمپوزنگ : سعيد مرتضيٰ
ڇپيندڙ:

Menhan Kanyon
Poetry
Sikander Haraho
Composed: Saeed murtaza
Published: Murk Publication
Karachi

مرڪ پبليڪيشن

Murtaza.laghari9@gmail.com
Cell: 0300-5182494

ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

**ملهه: 200 رپيا**

ملڻ جا هنڌ :

پٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد_ڪاٺياواڙ شاپ اردو بازار ڪراچي_رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو_مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو-وسيم ڪتاب گهر شڪارپور_ عزيز ڪتاب گهر سکر_ تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس_ پريتم قاضي نواب شاهه_ اسلام الدين سومرو رتوديرو_علي بابا رتوديرو_ ڪنول ڪتاب گهر قمبر_ اياز سومرو شهدادڪوٽ_

**مرڪ پبليڪيشن ڪراچي**

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ (سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام) ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو

# ارپنا

پنهنجي ماءُ
مرحومہ حسنا خاتون جي نانءِ
جنهن پيٽ ۾ پائڻ ڪان وٺي
پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن تائين
منهنجي حقيقي پرورش ڪئي_
۽
منهنجي ميچوئر زندگي جا ڏينهن بہ نہ ڏسي سگهي۔

سڪندر هاڙهو

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”مينهن ڪٽيون“** اوهان اڳيان پيش آهي. شاعريءَ جو هي ڪتاب شهدادڪوٽ سان تعلق رکندڙ اڀرندڙ شاعر سڪندر هاڙهو جو آهي.

سڪندر جي هيءَ تخليق جيڪا سندس ئي صلاحيتن جو آئينو آهي، ان کي اڄ جي دور ۾ ڇپائي منظر تي آڻڻ ئي سندس مڙسي آهي. سنڌ جي اُتر واري پٽي سان واسطو رکڻ سبب سڪندر جي آس پاس انهن ماڻهن جي گهڻائي آهي، جتي ڪتاب پڙهڻ يا ڪجهه لکڻ ڪرڪيٽ ميچ ۾ فينسي جي اهميت کان بہ گهٽ آهي، ان پسمنظر ۾ سڪندر جو هي شعري مجموعو هڪڙي انقلاب جي شروعات آهي. سڪندر جي شاعري فني توڙي فڪري، حوالي سان بيحد صاف ستري ۽ مفاست جي رنگن ۾ رنگيل آهي، هن جي شاعريءَ ۾ قائدي ۽ قانون جي خيال رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي،

هي ڪتاب 2017ع ۾ **مرڪ پبليڪيشن** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري مرتضيٰ لغاريءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ستاءُ


| | | |
|---|---|---|
| * پبلشر نوٽ: | مرتضيٰ لغاري | 07 |
| * مهاڳ: | | |
| هر من هڳاءُ | جواد جعفري | 09 |
| * ٽرٽلو ٽيندو ضرور | علي صدر | 15 |
| * سنڌ جو شاعر سڪندر هاڙهو | رشيد خانواهي | 23 |
| * تتيءَ ٿڌي ڪاهه | ڊاڪٽر آر آر ڪي | 25 |
| * ڪلراٺي زمين ۾ خوبصورت گُل: | عبدالواحد سومرو | 27 |
| * پنهنجي پاران: | سڪندر هاڙهو | 29 |
| شاعري | | 31 |

**پبلشر نوٽ:**

سڪندر هاڙهو اڀرندڙ شاعر آهي.

منهنجي جنم ڀوميءَ شهدادڪوٽ سان واسطو رکندڙ هن نوجوان دنيا جي چمڪ دمڪ ۽ سماجي براين کان پاسيرو ٿي شاعري سان پيچ پاتو ته سلهاڙيل ئي رهيو آهي. جنهن سماج ۾ نوجوان موبائيل فون، ڪرڪيٽ ميچ، فلمن ۽ فيس بوڪ جي رنگ ۾ رنگجي پنهنجيون سڀئي صلاحيتون گنوائي ويهن ٿا، اُتي سڪندر هاڙهو محنت مزدوري ڪندي به سماجي ڀلائي لاءِ ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو.

هوٽل تي پورهيو ڪندڙ هي پورهيت تخليقڪار پنهنجن ٻچن سان بي حد پيار جو اظهار ڪندي حقيقي پالنا ۾ مصروفِ عمل رهي ٿو، ته دنيا جي سيني رخن جي به چڱي ريت ڇاڻ رکي ٿو. هن هلندي ڦرندي، هاري، مزدور، ڪاموري، عملدار، آفيسر ڪي پنهنجي نظر سان ڏٺو ۽ پرکيو آهي، هن سماج ۾ ٿيندڙ سيني وارتائن کي شاعري ۾ سموئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته، بي سهارا ماڻهن جي اندر جي احساسن، زبان هوندي بي زبان ماڻهن جو آواز بڻجي سندن ڪردارن کي حقيقي روپ ڏئي پيش ڪيو آهي.

سڪندر جيتوڻيڪ سنجيده نوجوان ۽ منهنجو پراڻو ساٿي آهي. مون ساڻس مختصر ملاقاتن ۾ به ويجهڙائي ڪان محسوس ڪيو ۽ سمجهيو آهي، هو هڪ سچو، کرو نظرياتي ماڻهو آهي.

سڪندر هاڙهي جي شاعري ۾ نگمگي وڏيڪ آهي، اهو ئي سبب آهي جو هو مون کي گنائي شاعر پاسندو آهي، سنڌي ٻولي جي ناميارن گلوڪارن سندس شعر آلاپي ڪيس اڳ سڃاڻپ ڏني آهي، اهو ئي سبب آهي جو سادگي باوجود سندس آستاني تي سريلن

گلوڪارن جا ميلا متل هوندا آهن. سندس دوستي جو معيار، پيار ۽ پنهنجائپ ئي ڪيس منفرد مقام بخشي ٿو.

سڪندر ڏهاڪو سالن ڪان ٻہ اڳ جو شاعر آهي، پر سندس شاعري پهريون ڀيرو ڪتابي صورت ۾ سامهون اچي رهي آهي. سڪندر جي شاعري جو مجموعو ”مينهن ڪٽيون“ سندس حقيقي سڃاڻپ آهي. ان ڳالهہ کان انڪاري نہ ٿا ٿي سگهيون تہ هي دنيا سکڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو پليٽ فارم آهي. تنهن ڪري يقينن سڪندر هاڙهي جي شاعري ۾ ٻہ ڪٿي نہ ڪٿي ڪچايون ڦڪايون هونديون، پر پنهنجي اُها تخليق جيڪا سندس ئي صلاحيتن جو آئينو آهي، ان ڪي اڄ جي دور ۾ ڇپائي منظر تي آڻڻ ئي سندس مڙسي آهي. سنڌ جي اُتر واري پٽي سان واسطو رکڻ سبب سڪندر جي آس پاس انهن ماڻهن جي گهڻائي آهي، جتي ڪتاب پڙهڻ يا ڪجهہ لکڻ ڪرڪيٽ ميچ ۾ فينسي جي اهميت ڪان ٻہ گهٽ آهي، ان پسمنظر ۾ سڪندر جو هي شعري مجموعو هڪڙي انقلاب جي شروعات آهي.

سڪندر جو هي ڪتاب گلوڪارن لاءِ تہ تحفو هوندو ئي پر ڪتاب ۾ شامل شاعري ڪيس ادبي ميدان ۾ ٻہ سرخرو ڪندي. مرڪ پبليڪيشن سڪندر هاڙهي جي شاعري جو مجموعو شايع ڪندي نوجوان شاعرن جي اتساهہ جو سبب بڻجي ٿي. اميد اٿئون تہ اداري جي اهڙي ڪردار مان ڪيترائي ايرندڙ شاعر اڳتي نڪري ادبي ڪچهرين ،محفلن، ميڙاڪن توڙي تنقيدي نشتن مان گذري پڇي سنڌي ادب ۾ پنهنجو نالو لڪرائيندا.

**مرتضيٰ لغاري**
**ڪراچي**
0300-5182494

مهاڳ :

## هَر مَنُ هَبَاءُ

شاعريءَ تي لکڻ لاءِ يا ڪنهن نثري فن پاري تي مهاڳ يا ڪو تاثر لکڻ لاءِ لکڻ وارن جو هي قائدو رهيو آهي ته جو ٻه ذهن ۾ وچور گڏ ٿئي ٿو ته فلاڻي تحقيق تي ان جي خالق جي فن، ذات ۽ ڏانءُ تي لکجي ته ظاهر آهي، لکندڙ تمهيدي اَحاطو ضرور ڪندو آهي، آئون هيل تائين جن ٻه دوستن جي فني پورهيي تي طبع آزمائي ڪئي آهي ته مڙوئي مون ٻه ڪجھ ان فن جي ابتدائي رخن تي تمهيدي موڙ اڪثر پئي ٻڌا آهن.

دوست "سڪندر هاڙهي" جي هن شاعراڻي جستجو ۽ حاصلات تي (جا هن شاعريءَ جي صورت ۾ ڏني آهي) الاءِ جي ڇو ڪن ٻه تمهيدي جملن لکڻ تي دل ٻنه ڪو نه پئي گهري. ڇو ته هيءَ ڳالھ ايتري قدر آشڪار ٿي چڪي آهي جو اهو ذڪر ورجاءُ لڳي ٿو. شاعريءَ جو وجود هتان پيو. هن دؤر ڪان شاعري لکي وئي ۽ آڳاٽا لکندڙ فلاڻا فلاڻا معتبر ۽ قد آور ماڻهو هئا. سخنوريءَ جي دنيا تمام وسيع عريض ٻڻجي چڪي آهي. جيئن جيئن نسل وڌندو رهيو آهي، شعور ۽ سمجھ ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي. حساس هيانءُ شعوري ۽ لاءِ شعوري طور پنهنجون لکڻيون شاعري ۽ نثر جي صورت ۾ لوڪ تائين پهچائيندا رهيا آهن، خاص طور شاعريءَ جو دائرو وسيع آهي.

سنڌ سونهاريءَ ٻه ادبي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي، ان ڏس ۾ شاھ عبدالطيف ڀٽائي، سچل، سامي، شيخ اياز، استاد بخاري، تاجل بيوس، تنوير عباسي، اياز گل ۽ ادل سومري ڪان ويندي سڪندر هاڙهي تائين هر ڪويءَ سنڌي ادبي کيتر جي آبياري ڪئي آهي، منهنجا همعصر نوجوان ڳيرو شاعر نت نين ترڪيبن، تجربن، تشبيهن ۽استعارن سان جديد نج سنڌي شاعري تخليق ڪري رهيا آهن، اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته اڄ جا نوجوان قلمڪار مطالعو ايپاسي محنت ٻه وڌيڪ ڪن ٿا، جن مان هو بهتر شاعريءَ لاءِ لاڀ حاصل ڪن ٿا ۽ لکن ٿا. اهڙي ئي حوالي سان شهدادڪوٽ شهر جو هي سهڻو ۽ سلڇڻو ڪوي سڪندر هاڙهو جنهن جو

هي پهريون ڪتاب قلمي پورهيو ”مينهن ڪٽيون“ جي صورت ۾ اوهان جي اکين آڏو آهي، تنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل شاعريءَ بابت اهي سڀ ڳڻ ملن ٿا جيڪي هڪ سيبتي شاعر ۾ هجڻ کپن. سڪندر جي شاعري فني توڙي فڪري، حوالي سان بيحد صاف سٿري ۽ مفاست جي رنگن ۾ رنگيل آهي، هن جي شاعريءَ ۾ قائدي ۽ قانون جي خيال رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، لوڪ واسين تي واقعي حالتن جي پوندڙ اثر جي عڪاسي به خوب ٿيل آهي. ان ڏس ۾ هي شعر پڙهڻ وٽان آهن.

سور ٿيندي زندگي آ، تون پري رهه دلڙي.
ڪسجي ويندي هر خوشي آ، تون پري رهه دلڙي.

هي زمانو آ وڪوڙيل، هن رسم ۽ رواج ۾،
وڙهندي سڀ جي سادگي آ، تون پري رهه دلڙي.

دانهن ڪهڙي مان ڪيان ڏس داد ڏيندو ڪير آ؟
سور، صدما، دل لڳي آ، تون پري رهه دلڙي.

سڪندر جي شاعري مختلف انساني روين جي آئينادار به آهي. سندس شاعريءَ جو مرڪز ۽ محور پيار آهي، پيار جي موٽ ۾ ملندڙ خوشيءَ ۽ سرور جو اظهار به ٿيل آهي ،وصل جون وارتائون به آهن، ته هجر ۽ فراق جون درد ــ ڪٿائون به بيان ڪيل آهن. هي شعر انهن ڪيفيتن جي نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا .

شام ٿيندي اَچا رات آهي،
پَري ويل رَهُه ڪا گهڙِي وَقت ڪي ته وچڻ ڏي.

نينهُن نروار پِيَ يارَ پنهنجو ٿئي،
لوڪَ ڪي پل پوي هيءُ خَبَر ته پوڻ ڏي.

وري هي جدائيءَ جا حال ڏسو:

جيءُ اڄ جُهريو آهي،
دل توکي گُهريو آهي.

ڪو ٻُڌِي قِصو منهنجو،
ڪيڏو ڏُکَ ڀَريو آهي.

تو سواءِ ڪِيئن مونکان،
وقت ڏِسُ ڦِريو آهي.

سڪندر کي شاعريءَ جي مڙني لوازمات جي سُڌ آهي. هن جي شاعريءَ جو اسلوب بہ اڇو تو، اندازِ بيان بہ منفرد آهي، مونکي سندس شاعريءَ ۾ سڀ کان وڌ جيڪا سلڇڻي ڳالھ نظر آئي آهي. اُها آهي هن جي ٻوليءَ جي سادھ بياني، جيڪا شروع کان آخر تائين مستقل مزاجيءَ واري آهي ۽ لهجو بہ پُر اَثَر ۽ دِل ڪَشا آهي. سڪندر پنهنجي شاعري ۾ ديس جي دردن جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي تہ تهذيبي ۽ ثقافتي جَهلَڪَ بہ سمائي آهي. سندس هن وائي جيڻ سٽون ڏسو:

دودا ڌرتيءَ جا،
توکي سنڌ سڏي پئي.
ويري هِتڙي هِن گهڻا،
جيجل تُنهنجيءَ جا!
توکي سنڌ سڏي پئي .

وري ثقافتي رنگ ڏسو:

شان تُنهنجو ڏنم، نانءُ سِندِي ٻُڌُم،
ساھُ صدقي ڪيم، هِنَ جنم هُنَ جَنَمَ.
ٽوپي اجرڪ ثقافت پراڻي پنهنجي،
رقص گيتن تي جو مان ڏنم، مان ڏنم.

سڪندر جي گهڻي شاعري غزلن تي مشتمل آهي. پر ساڳي وقت هن حمد، نعت پنجتن پاڪ جي شان ۾ قصيدا، نوحا گهري فڪري رنگ ۾ رچيا آهن. هن شاعري جي هڪ کان وڌيڪ ٻولين ۾ طبع آزمائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ـ هي اردو حمد جون ڪجھ سٽون ڏسو:

التجاء    التجاء    التجاء    التجاء
واسطے    مصطفٰی    تو    مدینے    بلا،

تُو    مقدر    کا مجھ    کو    سکندر    بنا۔
اپنی    قدرت    سے    مجھ    کو    تو    نگر    بنا،
تیرے    در    پے    جھکا    ہوں سخنور    بنا۔
میری    سن    لے    تو    آہ    وبکا.

**مولا حسين جو شان هيئن بيان ڪري ٿو**

شاں    تیری    کیا    لکھوں    ابنِ    علی!
تو    ولی،    ابنِ    ولی    ،    ابنِ    ولی
گود    میں    تجھ    کو    بٹھاتی    تھی    بتول
شانوں    پہ    تجھ    کو    بٹھاتی    تھی    نبی۔

**هڪ اردو غزل جا شعر ڏسو**

نظر    دھیری    دھیری،    اٹھائو    نہ    سنگدل
مجھے    اس    طرح    سے    مٹائو    نہ    سنگدل
میری    سانس    تیری    سوا    کچھ    نھیں    ہے
یوں    اپنی    نظر    سے    گرائو    نہ    سنگدل۔

**چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ مون ڪافي دوستن جي ڪتابن تي بہ اکر لکيا آهن تن ڪي مون لڳاءُ ۽ جنون ۾ ڏٺو ۽ پرکيو، سڀ بهتر لڳا. سڪندر ۾ بہ لکڻ جو جذبو ۽ جنون نہ ٿو ڊاپي ۽ اهو نہ فقط آئون چوان ٿو پر پڙهندڙ فن ۽ فڪر جي وسيع تناظر ۾ وچي فيصلو پاڻ ڪري سگهن ٿا.**

**اڇو تہ هن غزل جا ڪجهہ شعر هِينئين سان هَنڊايُون، جِن ۾ سماجي اَنيائن جي عڪاسي ٿيل آهي.**

**جيستائين    وئي    نظرِ    آهي،**
**هر    شهر    تي    ويو    پڌر    آهي.**

موج تُنهنجي سِنڌُو خوشيءَ واري،
لوڙهي ويئي سَچو هي تَرُ آهي.
ڪئين اُجڙيا اجها ويا مارُن جا،
يا خدا ڪهڙو هِي قهر آهي.
ڪِينَ ڪائڻ لئہ ڪجھ بچيو تڏهين،
پيٽ سان مون ٻڌو پٿر آهي.

حاضر حالتن ڪي ڏسندي بيجا بيگناھ زندگيون جيڪي موت جي ننڊ سمهاريون وڃن ٿيون، بم ٻڌي ڪيترين ئي حياتين جا ڏيئا گل ڪيا وڃن ٿا. ان مذهبي انتها پسنديءَ جي درد کي هي شاعر بہ محسوس ڪري ٿو .اچو تہ هن غزل جي شعرن تي نظر وجهون:

ڪجي ڇا تہ هاڻي عبادت ڪپي ٿي،
بہ ٽِين روپين عيوض شهادت ڪپي ٿي.
حقيقت نہ دنيا رڱو ڪُوڙ آهي،
سَرِ عام هر جاءِ جهالت ڪپي ٿِي.
پنهنجو دين ناهي، ٻُڌائي ٿو هر ڪو،
خدا پِي ڏسي ٿو ملامت ڪپي ٿي.

وري هِي شعر ڏسو:

ماءَ ڪِيهُون ڪيون، ٻَچو جنهنجو،
موت جي ٿِي ويو نظر آهي.

ڏسجي تہ عام ڳالھ ڪرڻ واري انداز ۾ سادي شاعراڻي ترتيب ڪيڏي نہ پياري آهي، اها ئي سڪندر جي شاعريءَ جي سونهن آهي جيڪا اوهان پاڻ پڙهي پَسِي سگهو ٿا ـ ڇا تہ رواني آهي ست ست ۾ اچو تہ لطف وٺون:

ارمانن جي دنيا چوان مان،
گيتُ حقيقي ڪو تہ لکان مان.

**واجب توکي يارَ لڳي ٿو،**
**تُنهنجي هُوندي سُورَ سَهان مان.**

**جهول پري ِ ڏي خوشيون مونکي،**
**نچندو، ڪُڏندو يار وڃان مان.**

هاڻي وري هي شعر ڏسو:

**دل ربا بيوفا ٿِي ويا ڇا ڪَيُون،**
**اوچتو هُو پَرڪاٽي ويا ڇا ڪيون.**

**سور دل ۾ ستل ڇڻ صدين کان هيا،**
**سي شروع سلسلا ٿي ويا ڇا ڪيون.**

**پيار پنهنجي جا دنيا ۾ چَرچا هُيا،**
**ڇڻ پراڻا قِصا ٿي ويا ڇا ڪيون.**

چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ سڪندر جي سموري شاعريءَ ۾ رواني، ردم ۽ تزبياني موجود آهي، عام لهجوءِ لفظن ۾ ڪو الجهاءُ نہ آهي ان جي هر ڳاله حقيقت تي ٻڌل آهي. هن جي سٽن ۾ هرو پرو جو ڪو پراءُ ڳجهہ يا خيالي بنهہ نہ آهي، پر زندگيءَ جا حقيقي عڪس چٽيءَ ريت سڪندر جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. غور سان مطالعي ڪان پوءِ هِنَ ڪتاب ۾ ڏنل شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي فنّ ۾ جهول بہ نظر اچن ٿا ـ جيڪڏهن سڪندر وزن بحر ڏانهن خصوصي ڌيان ڏيندو تہ سندِس ڪَوتائُون اَجا بہ وڌيڪ ڪارئِتيون ثابت ٿينديون، جيڪڏهن هي دوست پنهنجي مطالعي کي وسيع تر ڪندو تہ غير ضروري ورجاءَ جو شڪار نہ ٿيندو . مونکي اميِد نہ پر يقين آهي تہ سنڌ ڌرتيءَ جو هي سيبتو شاعر پهريان ڪان وڌيڪ جوش ۽ جذبي سان ادبي ذميواريءَ سان پنهنجو قلمي سفر جاري رکندو، پنهنجي من موهيندڙ شاعري ديس واسين کي ارپيندو رهندو. سندس پوکيل شعري گُلَنَ جو هُڳاءُ سنڌ جي ادبي حَلقي کي ضرور واسيندو.

**جواد جعفري**
**جعفري پاڙو لاڙڪاڻو**

# ٽرٽلو ٿيندو ضرور

شهدادڪوٽ منهنجي پرينءَ جو شهر آهي، هن جي ڪُندَ ڪڙڇ ۾ مون ڪي سجاڻي، ۽ مان به تيترو ئي سڃاڻان ٿو.

جنهن دؤر ۾ مان اجا عمر جي لحاظ کان ڪچڙو ڇوڪرو هيس ته ادبي دنيا ۾ به صفا جيتامڙو! ان دؤر ۾ به شعوري وهڪرا ته هئا ئي هئا... سچ ته آنءُ ان وقت به فخر سان ڳاٽ اوچو ڪري چوندو هُيس ته مان س ا س شاخ قمبر جو شاگرد آهيان... مان ساس قمبر جي ادبي ويهڪن ۾ پاڻ چلايو به آ ته چليو به آ، ته واهه وا به ايتري ئي ڪئي آ/ڪرائي آ، جيتري شيءَ /شعر جي اهميت/ خوبي ۽ خيالي حُسَن هجي ٿو.

ان دؤر کان هن دؤر تائين ساس شهدادڪوٽ چند نالي ماتر پروگرام ڪرائي مڙئي پاڻ جيئارڻ جي جتن ۾ هئي..... هاڻ ته اها به ناهي چو ته ان پروگرامن ڪي به ڪي ڪوڙ سال ٿيندا... هاڻ پيرل قمبر ادبي سنگت به پيچ ڊاهه جو شڪار ٿي سمهي پئي آهي. رهي ڳالهه ايشيا جي اول نمبر سنڌي اداري تنظيم/ مرڪز سنڌي ادبي سنگت جي شاخ ڪي سنيا ليندڙن جي ته سي ڪي ته پيرن جا مريد ٿي ويا ڪي الله لوڪ فقير ته اجا به داہو ڪري چون پيا ته اسان هر شيءِ ڪيون ٿا، پر پاڻ تائين محدود! مان اڄ تائين سوچيندو رهندو آهيان ته شهدادڪوٽ ساس جا عهديدار/ ميمبر/ والي وارث ادب جي آبياري چو نه ڪري سگهيا؟؟

جيئن مثال طور: ساس قمبر، ساس لاڑڪاڻو يا باراني مغيري، ساس رتوديرو، ساس دادو، حيدرآباد يا ٻيون ڪوڙ ساريون شاخون سرگرم ته آهن ئي آهن پر هو ادب جي آبياري به ڪن پيون، ساس شهدادڪوٽ کي منظم طور تي مضبوط ڪري، نوان چهرا نئين نئين ادبي سوچ رکندڙ، دوستن/لکيڪن کي اڳتي عهدن تي چونڊي ڪري انهن جي رهنمائي ڪري، ادبي ذوق کي برقرار رکن ٿا... سنڌي ادبي سنگت کي گهرجي ته ميمبر شپ وڌائي، رسالا، اخبارون، ادبي ڪتاب شاعري ۽ نثر جي پاڳي وارا ڪتاب فراهم ڪري دوستن سيڪڙاتن کي پڙهڻ لاءِ ڏئي، انهن سان

ادبي چٽا پيٽي ڪجي، تنقيد جي اک ايتري تہ ڪليل رکجي جو ننڍي کان ننڍو نُقس بہ عيب لڳندو هجي.

اهميت ايتري تہ ڏجي جيتري اوهان جي اندر ۾ سچائي آهي.... ادبي جي آبياري نہ ٿيڻ سبب ئي اسان جي دوستن شاعر ”سڪندر هاڙهي“ جي شاعري ڇڻ تراشڻ لاءِ سنگتراش ڳوليندي هجي.

هڪ اهڙي تصوير ”جيڪا پئي پراڻي نہ ٿئي“ وانگر آهي پر پوءِ بہ هڪ مصور جي انتظار ۾ آهي. پر افسوس ڪاريگر تہ ڪونهن ڪي، ”جڳ مڙيوئي سپنو“ شدادڪوٽ جي نئين ٿهي جنهن ۾ راشد دايو، اڪبر ڪرل (مرحوم ) رحمت راهي، سرور چشتي، سعيد ڪوڪر، ماجد سمون، برڪت پيٽي، نادر دايو، سڪندر هاڙهو ۽ اجا ڪي ٻيا بہ ڪوڙ سارا دوست اڇيو وڃن ٿا، جن ڪي ادبي ادارو نہ ملي سگهيو، بس هلندي رستي جنهن سيکاريو، جنهن کان سکيو، سيکاريو سمجهايو، ان بنياد تي هي نوجوان ڏاڍا نرالا شاعر ٿي ايريا پر خد شو اهو ئي هو تہ چاهنن دوستن جي لکڻين/ احساسن جي صحيح وقت ڪي صحيح نموني اصلاح يا حوصلي افزائي نہ ٿي تہ مثال بہ هي:

هَڙڪ هلو هو،
ڏيمان هلو هو
وات آواٽي ڏيل ڏري هو،

پو بہ پرينءَ جو پنڌ پلو هو. شيخ اياز واري رستي کان هٽي نہ وڃن....... ايئن ئي ٿيو.

پَن پَن تي وکري وياسي،
آيو اهڙو واڇوڙو،
سارا جُوڙَ ٽُٽا جاني،
پاسين چو تي پيرن تي،
تون تي روز مُٽا جاني.
(ع ص)

انهن وڪري ويل گلن مان هڪڙو گل وري بہ ٿاريءَ سان چنبڙيو رهيو، معاشي حالتون، سماجي حالتون پنهيءَ سان اڻ برابري، پوءِ بہ گل خوشبوءِ ڪنديڙڻ لاءِ ٿاريءَ جي دامن ۾ لڪيو پيو آهي.

”سڪندر هاڙهو“ اُهو گل آهي. ڏنو سي تہ جيڪي دوست راتين جون راتيون رولهڙا ڪري، هڪ شعر جي آمد لئہ اوسيئڙو ڪندا هيا.... جڏهن الهام جو آورد ٿيندو هُئين تہ اهڙو تہ لڪي وٺندا هُيا. جو ساهہ نپوڙجي وجي... جڏهن عهدن جا آستانا وسايائون، تڏهن پنهنجن پراڻن يارن جون انجمنون پلائي چڏيائون. يا ڪن دوستن سان ذاتي معاشرتي يا معاشي ٿورا ڪي گهڻا مسئلا جو پيدا ٿيا تہ يارن ادبي اوطاقن تان تپڙ گول ڪيا.. يا ڪي دوست عاشقي ءَ جي اوج تان تِڙِي ادبي اوطاق تي آيا ۽ وري جو معاشي حالتون/عاشقاڻيون رَوَشون بهتر بڻيون تہ يارڙا تمام گهڻا سياڻا ۽ سماج سَيا جا ممبر بڻجي ويا. يعنيٰ ڇهرا، ماڻهو، دوست ، اديب، ليڪ، شاعر، ادب جي آبياري ڪندڙ فرد حضرات رڳو بس آيا ۽ ويا... ادارو/ ساس ايئن ئي بند ئي بند رهي، نہ رهيو ادب نہ رهي آبياري

دوست سڪندر هاڙهي يزيدي دؤر ۾ حسينيت جي حامي پري ان ويساهہ ڪي جيئاريو تہ:

ٿرٿلو ٿيندو ضرور
تون رڳو آزاد ڪر،
اي ماءُ پنهنجي ٿڃ مان،
ٿرٿلو ٿيندو ضرور_ (ع ص)

سڪندر هاڙهي پنهنجي سينيئرس ڪان جيڪو ڪجهہ سکيو، سمجهيو، پڏو/پڏايو سو توهان سامهون، ”منهن ڪٽيون“ نالي سان پيو آهي يا اوهان جي هٿن ۾ آهي... سڪندر هاڙهي جي شاعري مختلف صنفن تي پڌاريل آهي غزل، گيت، وايون، نوحا، اردو غزل، سرائڪي نوحا، گيت، سرائڪي غزل اچيو وجن ٿا.

سڪندر هاڙهي جا نوحا.... فقط نوحا آهن.... انهن ڪي مرثيو يا مسدس يا منقبت نٿو چئي سگهجي، چو تہ فني فارميٽ ۾ سين صنفن ڪي

پنهنجي پنهنجي فني نَتَ پيل آهي ته فڪري اسلوب اسٽائيل، موضوعاتي پوراءُ به هجڻ ضروري آهي، نوحن ۾ ڪافي سارو درد آهي، سوز آهي،

**”آتون به بڻ حيدر دا “**

سڪندر مومنن جو مزاج رڪندڙ ڪوي آهي، شاعريءَ ۾ ڪافي هنڌن تا پاڻ وٽايو به اٿائين، اها خوبي به وٽس آهي.....

**ڪو ٻڌي قصو منهنجو،**
**ڪيڏو ڏک پريو آهي.**
**ڳالهه اچ ٻڌي تنهنجي**
**ڏک ٿي پيو آهي**
**غم سڄي حياتيءَ جو،**
**مون پلئ پيو آهي.**

سڪندر هاڙهي ننڍن ننڍين وزنن ۾ غزل کي ”غزل رنگ “ ڏيڻ جي خوب ڪوشش ڪئي آهي.

**هوش پنهنجا پرين وياَ اُلجهي،**
**پو به آ باخبر اڪيلائي.**

.............

**ڏيئا تِم تِم ٻَرندا وِسندا،**
**اونداهو منظر ٿي ويندو.**
**تنهنجي هَٿِ جو پٿر ايندو،**
**سوئي سنگِ مرمر ٿي ويندو.**

.............

**مون سان تنهائي ڪمري ۾، ۽ گڏ بسترو،**
**تيل، سرما، ڦٽي، سوچ جو آئينو.**

سڪندر هاڙهي جي شاعري/غزلن ۾ ڪي ڪي ته اهڙا بند ”مصرائون “ آهن، جيڪي پنهنجي فني بيهڪ ۾ زلفِ_ ڪُمندَ آهن... شهدادڪوٽ شهر ۾ پيرل ڪان پوءِ ضمير ڪرل غزل جو پلوڙ شاعر رهيو آهي. پر وقت جي وياڪلتا رشتن جو اُجڙي وڃڻ ۽ ٻين ڍير سارن مامرن ضمير سائينءَ ڪي

شاعريءَ جي دنيا کان پري ڪري ڇڏيو، راشد دايي يا اڪبر ڪرل جا غزل به پاڻ وڃائيندڙ هيا.

پر سڪندر يار ڪري به ڇا!!؟ دوستن ۾ تفاوتون وڌي ويون، ٽولا ٽولا ٿي ويا... هڪٻئي تي ذاتي نجي تنقيد جا راڪيٽ لانچر کولي ڇڏيائون پر ان ڌمچر هوندي به ٿورو ٿورو ان ڳالهه جو احساس ضرور ٿيندو هيو ته شهدادڪوٽ ساس يا ٻيون ادبي اوطاقون مڙئي سرگرم ته آهن، سبحان الله... ۽ پوءِ آهستي آهستي ٽولا به ٽٽي ويا.... هاڻ بس فرد

بس واحد فرد جي حثيت ۾ ادارو به آهي ته ممبر به

دوستن جا رويا تبديل ٿي ويا_ ادبي سرگرميون ماٺ پئجي ويون افسوس پيرل کي ڳوٺ ۾ ادبي جي آبياري جو سلسلو ايئن ختم ٿيندو ٿو وجي، ڇڻ اها روش جي تبديلي ڪارو سمنڊ هجي... ۽ ادب /ادبي دوست ٽٽي جي زمين هجن، جن کي ڪارو سمنڊ روز ڪوريندو ٿو رهي.

سڪندر هاڙهي جي شاعري ڪٿي ڪٿي سچيت احساسن جو عڪس لڳندي آهي،

هڪڙي عنوان لئه ٽا واجهايون،

پاڻ، خالي شهر، اڪيلائي،

جديد سنڌي ادبي کهڙي وارئتيءَ واري شاعري جي ضرورت آهي يا ڪيترو تڪڙو، سنو سهڻو ۽ جديد کان جديد خيال لکجي ان مامري ۾ هن خطي کي بد نصيبي سان پيرل پڇاڙٽان.... کو به مڪمل ليڪڪ نه مليو آهي.. سڪندر بظاهر ته گهڻو تڻو ڪئست جي دنيا جو شاعر آهي،

تڏهن ان جي شاعريءَ ۾ اهي اثر به نمايا آهن.

ان ڪئست ڪلچرل ياڳي واري شاعريءَ کان علاؤه به سڪندر غزل ۾ ملوڪڙا موضوع چونڊيا آهن.. پر سڪندر جاغزل لفظ غزلها“ قرآن پاڪ جي صورت ”النحل“ مان ورتل لفظ غزلها”يعنيٰ ٽڪرا ٽڪرا واري هر فتائي يا چتر ڪاري کان هٽيل، اڳوٽي گذري ويل ڪن شاعرن جي شاعري/”غزلن “ جيان مسلسل هڪ ئي موضوعاتي تسلسل ۾ گهڻو تڻو لکيل آهن... ڪيرُ هُو سونارو، جيڪو سڪندر کي سمجهائي ها. سڀ

سونارا بظاهر ته سونارا هُيا پر حقيقت ۾ اوندروني طور اُهي ”ڀَڳ“ جو ڪاروبار ڪندڙ هيا/آهن.

توکي ته پسند ناهي ٻنهي جو اي رب ستار!
انسان جو غرور يا شيطان جو غرور.
(ع ص)

ماڻهو ڄائي ڄم ڪان مذهبي پوئلڳ ناهي هوندو.. ان ڪي مذهبي پوئلڳي معاشري مان ئي سڪڻي ٿي پوي يا معاشري/ سماج جو فرار ماڻهو آخري پناهه گاهه مذهبي پوئلڳي يا ذوق ڪي سمجهندو آهي. ڪافي سارا دوست، دوستن جي معتبراڻي/ وزيراڻي روش ڪي ڏسي ڪِن ادب جي آبياريءَ جي ڇڄر ئي ڇڏي ڏني، ڪن يارن مسجدن، مندرن امام بارگاهن جو رخ ڪيو سڪندر هاڙهي جي شاعريءَ جو رخ مُڙي وڃڻ يعنيٰ صحيح جائزو وقت تي صحيح جائز ادبي اصطلاح نه ٿيڻ نه صحتمند تنقيد ڪرڻ.. سبب ئي هن فرقيواريت ۽ مذهبي شاعريءَ ڪي اوليت ڏني. (نه ته شاعريءَ جو ڪم لاحد ۾ ٿيبون هٽڻ آ) وري ان ئي شاعريءَ ڪي لکي ترت ڪان ترت ڪنهن راڳي/نوحا خوان ڪان ڳارائي. پنهنجي جهريل جذبن ڪي هٿ ڦيريندو آهي... يا ايئن به هوندو آ ته ڪِن ڪِن آفاقي ارواحن /ليڪارن جي شاعري (يا ٻي صنف جنهن جو هو لکندڙ آهي) جا رخ پاڻ مرادو متجيو ويندا آهن.، پر انهن جي ان مذهبي شاعريءَ ۾ پوري اسلامي تاريخ جا واقعا، لقاءَ حادثا، منظر حالتون سڀ ڪجهه پڙهڻ لاءِ ملندو آهي . پر يار سڪندر جي نوحن جي بندن ۾ اهڙو اٽريڪشن (Atrection) ناهي جو هانءُ ڇهيون ڇهيون ٿي پوي. مذهبي شاعري هجي يا ادبي، روايتي خيالن جي چونڊ ڪرڻ سان غزل، گيت يا ڪهڙي به صنف جو توارزن ٿٽي پوندو آهي. تخليق ڪوڪلي لڳندي آهي. ڪنهن خوبصورت نوحا لکندڙ شاعر جو نوحو آهي،

عباسي شام توں پر ديدار آئے نی،
بڑی اداسی بڑی سوگوار آئے نی.

هِن نوحي جا جيڪي ٻيا بند آهن اُهي غزل جي بندن وانگي ٽڪرا ٽڪرا ٻہ آهي تہ انهن هر هڪ بند ۾ هر نئون، واقعو، درد ڏاڙ گهوڙا جي ڪيفيت ٻہ آهي يا هڪ ٻيو نوحو:

مجھ پر کیو بند کرتے ہو پانی
کیا محمّد کا پیارا نہیں ہوں !!
کیا مین زھرہ کا جایا نہیں ہوں!!
کیا نبی کا نواسہ نہیں ہوں

اهڙا درد ناڪ ڪيفيت پيدا ڪرائيندڙ روئاريندڙ ڪوڙ سارا نوحا/ مرثيا/ منقبت ملن ٿا جن ۾ ٽڪرا ٽڪرا وارو ڏارٽيو ٻہ آهي، تہ نديءَ ۽ دريا ھہ جهڙو ميلاپ ٻہ وري اهو نوحو يا مرثيو ٻڌندي دل چئي ڪربلا جي پڙ ۾ بيٺي يا حسين يا حسين چوندي هجي.
اچو تہ پڙهون سڪندر هاڙهي جا نوحا/قصيدا:

**جنهن دا مولا مولا علي هي**
**تنهن دي قسمت هوندي پلي هي**
**آ تون ٻہ ٻڻ حيدر دا**
تیری سوا ای بابا کیسے رہے سکینہ
زخموں سے بھرا دل کیسے سہے سکینہ
حشر تک کرتے رھین گے تیرا ماتم یا حسین
تیرے نوحہ خواں ہیں ہم تیرے ہی ہیں ماتمی
غم کھائی جا رہا ہے گھر سے کبھی نہ نکلی،
پھر آ گئی میں در در زینب کا تھا نوحا

سڪندر جي نوحن م سوزوگداز جو رنگ تہ چڙهيل آهي، پر ان جي ٽڪرن ٽڪرن، بندن، مصراعن ۾ ٻيا ٻيا واقعا/ منظر گهٽ آهن-

چوندا آهن جتي اوندهہ انڌو ڪار رات جو ساءُ ڏيندڙ خدائي هجي اُتي ڪيتن ۾ اُڏامندڙ جيتا مڙي ٽانڊاٽي جي جهيٽي روشني بہ ان ڳالهہ جو احساس جڳائيندي آهي تہ سفر روان دوان آهي. ڪي اڻ ڳڻيا هليا ويا، ڪن پنهنجو پاڻ ڪي ڪيئن ڳڻايو، ڪنهن ڪيترو ڳڻايو روشني ءَ جو احساس فنا ۾ بقا جو احساس آهي. پيرل جي پنڌ تي پيادي مسافر دوست سڪندر هاڙهو بہ پنهنجو نالو ادبي ڪيتر ۾ ضرور لکرائي چڪو آ تہ هو روشنيءَ جو ساڪي آ.

علي صفدر
شهدادڪوٽ
8 جون 2017ع

# سنڌ جو شاعر سڪندر هاڙهو

ادبي دنيا ۾ سنڌ ڌرتي سدائين سرسبز ۽ شاداب رهي آهي، جنهن جي ڪُکَ مان وقتن فوقتن ڪيترن ئي شاعرن پنهنجو نالو ادبي دنيا ۾ روشن ڪيو آهي اهڙن ذات ڏٽين مان اسان جي شهر شهدادڪوٽ ۾ نوجوان شاعر سڪندر هاڙهو بہ هڪ آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ علم ادب ۽ ڏاهپ ڀريا نقطا سمايل آهن، ڇو تہ علم هڪ اهڙي روشني آهي، انڌيري کي ختم ڪري ۽ جهالت کي نيست نابود ڪري ڇڏي ٿي ۽ انسان منجهہ اعليٰ اخلاق ۽ فهم پيدا ڪري ٿي، جنهن جو اظهار سڪندر هاڙهي پنهنجي خوبصورت لفظن ۾ هن طرح ڪيو آهي.

زندگيءَ کي سنواري ڇڏي ٿو علم
جاءِ پنهنجي دل ۾ اڏي ٿو علم
چاهہ مون سان رکو چاهہ مون سان رکو
راهہ منهنجي روشن سڏي ٿو علم

چوندا آهن تہ شاعر سماج جي عڪاسي ڪندڙ ۽ معاشري جو باشعور فرد هوندو آهي، اسان جي سماج ۾ غربت جي ڪري ڪيترائي ماڻهو بک ۽ بدحالي جو شڪار ٿين ٿا. مفلسي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن، جنهنجي عڪاسي ڪندي سڪندر صاحب هيئن فرمايو آهي تہ:

سال صدين جو بکيو آهيان،
يار سڪل ڪو نانُ ڪٽي ڏي .

ڪيترائي ماڻهو خود غرض ۽ بي پرواهہ ٿين ٿا، جيڪي صرف جانورن جيان پنهنجي ذات لئہ جيئن ٿا ۽ انسانيت جي اعليٰ اخلاقي قدرن

**ڪان باخبر هوندي بہ بي خبر رهن ٿا. مٿن ڪنهن جي بہ ڏک سور جو ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿو ٿئي، اهڙن ئي لاغرض ۽ بي پرواهہ ماڻهن لاءِ سڪندر پنهنجي خيالن جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:**

**منهنجو درد نہ هن پئي سمجهيو،**
**ماڻهو بي پرواهہ هيو ڪو.**

**ان ڪان علاوه سڪندر جي شاعريءَ ۾ سونهن، سڪ، سچ ۽ سنڌ سان محبت جو اظهار بہ بار بار ملي ٿو ۽ سندس شاعريءَ ۾ خوبصورت خيالن جو اظهار ٿيل آهي.**

**رشيد خانواهي**
شهدادڪوٽ
16 فيبروري 2017ع

# تتيءَ تڏيءَ ڪاهه

سڪندر هاڙي جي انهي پاڙي ۾ جتي ڏينهن جا 10 ڪلاڪ هو پنهنجي پورهيي بهاني گذاري ٿوان پاڙي ۾ مون کي رهندي 20 ورهيہ گذريا هوندا.

ان هيڪاندي عرصي ۾ مان هي مورچو هڪ ڏينهن لاءِ بہ نہ ڇڏيو آهي، اختر ايڪسري ۽ بلڊ ليبارٽري جيتوڻيڪ منهنجي اڌ زندگي جي شاهد آهي،ان سڄي عرصي گذارڻ سبب هن پاڙي ۾ منهنجا لاتعداد دوست پيدا ٿيا، ۽ ان عرصي ۾ وري ڪيترائي پراڻا دوست وڇڙي ويا، وري مليا. اهو سلسلو وقت جي رفتار سان هلندو رهيو. مختلف فيلڊن سان وابستگي سبب مختف مڪتب فڪر جا ماڻهو ملندا، جڙندا، ٽُٽندا رهيا. شاعر، ڪهاڻيڪار، اداڪار، ڪلوگار، ڊاڪٽر، پروفيسر، پورهيت، توڙي هاري مزدور طبقي جا ماڻهو منهنجي سوچن جو محور رهيا. ڇو تہ مون ڪڏهن ڪنهن بہ وزير مشير يا ڪاموري جي پراڊو دانهن نظر ڪٽي نہ ڏٺو هوندو پر پورهيت، مزدور، يا پيٽ بکايل ماڻهو جي اندر ۾ ضرور جهاتي پاتي هونديءَ ڇو انهن جو درد منهنجي ذاتي وارتا جو حصو هيو.

اهو ئي سبب آهي جو سڪندر هاڙهي سان دل لڳي تي وئي، سڪندر مسڪين، پورهيت ماڻهو سڄو ڏينهن سال جا سيئي مهينا، ”تتيءَ تڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي“ واري سٽ جيان پيو ڪاهي. اهڙي ماڻهو جي اندر مان اپرندڙ هر سرير ڪنهن نہ ڪنهن ماروئڙي جي حقيقي درد جو حصو هجي، ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو متاثر ڪندڙ معجزو هوندو.

سڪندر هاڙو پڻ هر فڪر جي ماڻهو سان ملي جُلي هوندڙ، ڪچهرين جو مور، اندر جو سچو، ڳالهائڻ جو ڪرو ماڻهو ۽ سُنو تخليقڪار آهي. مون سندس شاعري ۾ فني فڪري طور تي ڪا بہ پرک نہ ڪئي آهي، ڇو تہ مان نہ ڄاڻا ڪي وزن يا بحر پر مان اهو ڄاڻا ٿو تہ سندس شعر جو ڪو نہ ڪو بند

اهڙو ضرور هجي ٿو جنهن ۾ اسان سچي سنگت جو ڪردار نمايان نظر اچي. هر شعر ۾ شاعر جو پنهنجو ڪردار پسڻ ته بنه چريائي آهي چو ته شاعر سماج جو آئينو هوندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو سندر جي شاعري ۾ منهنجي آس پاس گذرندڙ ڪردار نظر اچن ٿا. اُها ٻي ڳالھ آهي ته منهنجي ۽ سڪندر جي ذاتي سڃاڻن انهن ڪردارن جي ويجهو رهي آهي.

سڪندر پنهنجي سچي زندگي جي شاعري گڏ ڪندي هي پهريون پيرو ڇپائڻ جي آس رکي ٿو. مان ڀايان ٿو ته سندس هي پورهيو ڪيس سُٺو مقام عطا ڪندو.

**ڊاڪٽر آر ڪي ڪي**
اختر ايڪسري آصف ليبارٽي
شهدادڪوٽ

# ڪلراٺي زمين ۾ خوبصورت گُل

شهدادڪوٽ سرحدي پٽي تي اُهو شهر آهي جتي ڪلراٺي مٽيءَ باوجود قلم ڌڻين ادب ڪيتر ۾ خوبصورت گُل پوکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، شهدادڪوٽ جهڙي ريت علمي حوالي سان تمام وڏا نانءُ پيدا ڪيا. تهڙي ريت سندس ادبي سڃاڻپ بہ سگهاري آهي. انهن اديبن ۾ اڪثريت شاعرن جي آهي، پراڻي ٿهي ۾ زيب مگسي، حبيب الله شهدادڪوٽي ڪان ويندي نذير جروار جهڙا شاعر ان پٽي سان واسطو رکندڙ آهن، پيرل قمبر جهڙو ڪُل وقتي شاعر بہ قمبر شهر کي ڇڏي هميشہ لاءِ شهدادڪوٽ سان ناتو جوڙيو تہ زندگي جي آخري گهڙين تائين شهدادڪوٽين سان نينهن نڀائي ويو.

استاد پيرل قمبر ذاتي زندگي توڙي شاعري جي سفر ۾ سخي مرد رهيو جو شاعرن جي هيڪاندي کيپ تيار ڪيائين. احمد علي صابر، ضمير ڪرل، عبدالله شاهہ اطهر، ناشاد رشيد سنڌي استاد پيرل قمبر جي شاعراڻي اسڪول مان تيار ٿيل اُهي سگهارا شاعر آهن، جن وري سون جي تعداد ۾ پنهنجن شاگردن جو هلڪو جوڙيو، انهن جونيئر شاعرن منجهان ”سڪندر هاڙهو“ هڪ آهي.

سڪندر هاڙهو ڪجھ عرصي کان شاعري جي رياضت ڪندو رهي ٿو، هو مرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ مرتضيٰ لغاري جي صحبت ۾ اچي اسان کي پنهنجو پهريون پورهيو سهيڙي ”مينهن ڪڙيون“ جي صورت ۾ آڇي ٿو.

وڏيرا شاهي توڙي سرمائيداري نظام ۾ ماڻهو کان جيئڻ جو حق کسجي رهيو آهي، تعليمي ادارا تباهہ ٿي رهيا آهن، سنڌ جي هر شهر ۾ بنيادي سهولتون اڻ لڀ آهن، ماڻهو بيروزگاري سبب ٻڪون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهن، حڪمران پنهنجي ڪرپشن لڪائڻ لاءِ سڄو ملڪ وڪرو

ڪري ٿي فرض شناسي کان قاصر آهن، نوجوان بيروزگار ٿي خودڪشيون ڪري رهيا آهن، پنهنجي پيرن تي هلڻ جهڙن ماڻهن کي مختلف سماجي برايون ڏانهن ڌڪيو ويو آهي، اهڙي صورتِ حال ۾ شهدادڪوٽ جا قلمڪار اگهور ننڍ ۾ ۽ سڪندر هاڙهو جاڳي ٿو، هو شاعري جو پهريون مجموعو اسان کي هٿن ۾ ڏئي پنهنجي موجودگي جو احساس ڏياريو ٿو، ادب دوست، شاعري جا نقاد سندس پورهيي کي کهڙي ٿي نظر سان ڏسن، سندس محنت ساپ پوي ٿي يا نه پر همعصرن ۾ ڳٽجڻ جيترو ڪم ضرور ڪري رهيو آهي، اسان کي اميد آهي ته سڪندر جو قلم اڃان ٿي وڌيڪ لکندو رهندو.

عبدالواحد سومرو

ڪراچي

20 آگسٽ 2017ع

# پنهنجي پاران:

مون 3 جون1987ع  جي ڏينهن تي معشوق علي ولد گل محمد هاڙهي جي گهر ۾ جنم ورتو، شعور سنياريم تہ چوطرف اونداهہ نظر آيو، چوويهن ڪلاڪن دوران بہ پيرا گهر ۾ چلهہ ٻرندي ٻاهہ جي روشني نظر پوندي هئي بس...!

بابا چوندو هيو تنهنجي ڄمڻ وقت هڙ ۾ ايترو ڪجهہ نہ هيو جو مان ڪنهن جو وات مٺو ڪرائي سگهان، ڏاڏ جي ڏيهہ ۾ ڏڪا ڏاپامنهنجو مقدر بڻجي ويا، مون کي اڄ بہ پنهنجو ماضي ڏاڍو ڀيانڪ لڳندو آهي، شهدادڪوٽ جون گهٽيون منهنجي سفر جي شاهدي ڏينديون، جتي مان ڏاڍهہ ۾ چڙهيا، بسڪوٽ ۽ لاهوري گجر ڪٽي وڪرو ڪرڻ لاءِ نڪرندو هيس،

منهنجي روزگار جو ذريعو بڻيل شيون ٻارڙن جي پسند هينو، تنهن ڪري ايندي ويندي اسڪولي ڊريس ۾ خوبصورت گلن جهڙا منهنجا هم عمر ٻار سامهون ايندا هئا، سوچيندو هيس ڪاش آئون بہ انهن جيئان اسڪول وڃان ها. پر ان وقت اهو ممڪن نہ هيو، ايئن بہ نہ هو تہ مون هٿيار ڦٽا ڪيا هيا، پر ايئن تعليم پرائي نہ سگهيس جيئن مان اسڪول ويندي شاگردن کي ڏسندو هيس. مسلسل پيٽ جي ٻُڪ اجهائڻ لاءِ پورهيو بہ ڪندو رهيس تہ روائتي طور تي 2003ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان ڏئي پورو ڪيم، ان وچ ۾ 2001ع وارو سال اهڙو ڳرو ثابت ٿيو جو منهنجو آخري سهارو منهنجي ماءُ بہ مون کان وڇڙي وئي، پوءِ بس... منزل جي تلاش، اڻ پوري تعليم، ننڍڙڪو وجود بڻجي پٽڪندو رهيس.

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي وجود کان پاڻ ئي سوال ڪندو رهندو هيس، اڪيلو وجود، بيروزگار، ٻي گهر ماڻهو_

پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيان؟

جواب ملندو هيو
توکي اجان جيئڻو آهي.
ڪنهن لاءِ ...؟
ڪو پتو نہ هو.

اڄ خبر پئي تہ منهنجي جيئڻ جو مقصد خانداني پسمنظر کي زندهہ رکڻ هو، ان لاءِ مون قلم جو سگهارو ورتو.

پنهنجي زندگي سان وابسطہ ڪردار، سماج ۽ سنڌ منهنجي سوچن جو محور رهيا. بس جيڪو محسوس ڪيم لکندو رهيس.

منهنجي لکڻين جو گهڻو حصو شاعري هئي.

شاعري جي فن کان واقفيت نہ هجڻ سبب لکڻين کي وزن بحر واري ترازو ۾ توري نہ سگهيس، ڪيترو ئي عرصو پنهنجن احساسن کي شعر جو روپ ڏئي پني تي اتاريندو رهيس، ان وچ ۾ ڪيترائي ادب دوست منهنجي زندگي ۾ آيا، جن شاعري جي فن جي سکيا ڏني، ڪجهہ نسخا هيئين سان هنڊايم، انهن ڪردارن منجهان عبدالله شاهہ اطهر اهم نانءُ آهي، سحر غفار، رشيد مستوئي، ضمير ڪرل، رشيد خانواهي ۽ ٻيا ڪيترائي نانءُ آهن جيڪي وقت بہ وقت اتساهہ ڏيندا رهيا. مان پاڻ کي شاعري ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿو سمجهان ڇو تہ شاعري جو ڪينواس وسيع آهي.

سينيئر استاد شاعر آهن پر نوجوان بہ تمام سُنو لکي رهيا آهن.

پنهنجي شاعري کي ڪتابي صورت آڻڻ جو مقصد اهو نہ هو تہ هاڻ منهنجي شاعري ڇپجي سنڌ فتح ڪندي، پر اها خواهش هئي تہ ٽُٽل ڦٽل ستون ئي صحيح پر سهيڙجي وڃن.ان ارادي سان منهنجي شاعري جو ڪتاب ”مينهن مٽيون“ جي نانءُ سان ڇپجي آيو. ڪتاب جي نالي تي بہ ڪيترائي پيرا دوستن سان مشورو ڪندو رهيس، پر مون ڪتاب جو نالو ڦيريان ئي چونڊي ڇڏيو هيو تہ مينهن ڪٽيون ئي رکندس، تنهن ڪري ٻي ڪنهن نالي متاثر نہ ڪيو، توڙي جو ان نالي سان سنڌي ٻوليءَ جي مهان

ڪوي شيخ اياز جو ڪتاب ٻہ ڇپيل آهي، پر مون اُن ڪتاب کان ئي متاثر ٿي ان نالي کي ترجيح ڏني.

شاعري جي هن ڪتاب ”مينهن ڪٽيون“ ڇپائڻ دوران ڪيترن ئي دوستن دل آزاري بہ ڪئي.

ڪيترن ئي سوالن ڪر ڪنيون، هيڪر ڪتاب ڇپرائڻ کان دل ئي ڪچي وئي، مان انهن دوستن جو ذڪر ضروري نہ ٿو سمجهان، پر انهن دوستن جو ذڪر ضرور ڪندس جن دلي سهڪار ڪيو،

جن ويساهہ ڏنو،

انهن ۾ مرڪ پبليڪيشن جو سرواڻ دوست مرتضيٰ لغاري سري فهرست آهي، جنهن ڪراچي کان شهدادڪوٽ تائين ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ توڙي ترتيب ڏيندي راتين جي ننڊ ڦٽائي منهنجي شاعري کي ڪتابي شڪل ڏني، سندس تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، پنهنجي محترم سائين جواد جعفري صاحب جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن مهاڳ لکي ڏنو، احمد علي صابر صاحب بيڪ ٽائيٽل لکيو سندس وڏا وڙ۔ پنهنجي سينيئر دوست علي صفدر جا بہ ٿورا جنهن ڪتاب تي مضمون بہ لکيو تہ اصلاحي نظر سان مواد ڏسي ڏنو، پياري ساٿي آر ڪي ڪي جا بہ لک ٿورا، سائين رشيد خانواهي، عبدالواحد سومري ۽ ٻين دوست جا قرب جن حوصلو ڏنو. مون پنهنجو ادبي پورهيو سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندو آهي، دوستن جي اصلاحي تنقيد جي آجيان ڪندس.

سنڌ سلامت سات سلامت

**سڪندر هاڙهو**

**شهدادڪوٽ**

**03337500696**

Sikanderharho96@gmail.com



# شاعري

**جي ماضي ڏسان ٿو ته روئڻ اچي ٿو،**
**مگر هو ته يلجي نه ”سڪندر“ پڇي ٿو،**
**اکين مينهن ڪٽيون، ڪا برسات پيل آ.**

# قصيدو

عباس جو علم بخشش جي آ ضمانت
ان ۾ نہ وسوسا ڪر زهرا جي آ امانت

ڪيڏا بہ ڪر ڪٽي تون رب جي حضور سجدا
جي بغض ٿي علي سان ٿيندي ئي نہ ڪا عبادت

فرمان آ نبيءَ جو ڪولي ڪتاب ڏس تون
جهنم رسيد ٿيندو جنهن ڪئي علي سان ڪلفت

عباس جو هي پرچم هوندو آ جنهن پيي گهر تي
ان گهر تي هوندي آهي الله جي عنايت

ٻڏي شان مرتضيٰ جو جنهن جو ڦري مهانڊو
”سڪندر“ جو آهي ايمان ان ۾ نہ آ شرافت

❊❊

# سرائڪي قصيدو

جنهن دا مولا مولا علي هي،
تنهن دي قسمت هوندي ڀلي هي.
آ تون ٻہ ٻڻ حيدر دا.

ميڏي نبي دا اي فرمانِ ِ ِ ،
علي شيرِ خدا دو جهانِ ِ ِ .
آ تون ٻہ ٻڻ حيدر دا.

ها جنت دا سو حقدار هي،
جنهن دا مولا علي نال پيار هي.
آ تون ٻہ ٻڻ حيدر دا.

مليا فيض انهي کون ”سڪندر“
جنهن دا مولا علي هي رهبر،
آ تون ٻہ ٻڻ حيدر دا.

**

# غزل

سنهڙيون سنهڙيون بارش بودون،
ننيڙيو وڏڙيون بارش بودون.

هوش اسان جا ڪيئن جاڳائن،
وسندڙ ننيڙيون بارش بودون.

سورن جي سامان سان گڏ گڏ،
مون سان ڳيڙيون بارش بودون.

ٿر واسين جون پُسنديون آخر،
جهوپيون جڏڙيون، بارش بوندون.

**

# غزل

تات تنهنجي تہ يار آ ساڳي،
درد پر بي شمار آ ساڳي.

لڙڪ ڳڙندي ڳڙي ويا منهنجا،
پو ب دل تي چو بار آ ساڳي.

ورهيہ گذري ويا نهاريندي،
هر گهڙي انتظار آ ساڳي.

آ حڪيمن ڪيو دوا دارون،
عشق جو پر بخار آ ساڳي.

وقت يي ڪو نہ مند مٽي ڪائي،
سج لهڻ جو آثار آ ساڳي.

حال سڪندر جو چا ويو آ ٿي،
هر گهڙي جان بيمار آ ساڳي.

**

# غزل

ٿي پئي هم سفر اڪيلائي،
تو سوا هر پهر اڪيلائي.

ياد تنهنجيءَ ۾ مون ڪٽي تڙپي،
رات ساري سحر اڪيلائي.

هوش پنهنجا پرين ويا الجهي،
پوءِ بہ آ باخبر اڪيلائي.

هڪڙي عنوان لئہ ٿا واجهايون،
پاڻ، خالي شهر، اڪيلائي.

تيز ڪيڏي هوا ۾ پڻ چڻ پيي،
هر طرف آ نظر اڪيلائي.

سات پنهنجو ويا ڇڏي ساٿي،
ڪيڏو آهي سفر اڪيلائي.

عشق "سڪندر" ڪيو جڏهن ڪان مون
زندگي ٿي زهر اڪيلائي.

**

# غزل

هر هنڌ آهي ڏوڪي بازي،
ڪوئي ناهي ڪنهن سان راضي.

ساڙ، حسد ۾ فطني وارو،
ٿي ويو آ هر ڪنهن ماضي.

ڪوڙي ڪڏ هو پاڻ ڪري ٿو،
پو ٻه مجي نہ ٿو پنهنجي آزي.

پيار جي پرٿي واري ۾ ڏس،
بند ڪري نہ ٿو دشمن سازي.

سڀ ڪجھ ڄاڻي پو ٻه "سڪندر"
عشق ڪي آهين جو ايلازي.

**

# غزل

اسان پِي تہ ان جي عبادت ڪئي آ،
ڏئي سر بہ پنهنجو سخاوت ڪئي آ.

پلي هو بہ سوچي اسان لئہ بي پرواھ،
اسان ڪيڏو ان جي عطاقت ڪئي آ.

سچي مون حياتي پتوڙيو آ هن لئہ،
ڪري ڪياس جيڪا مون محنت ڪئي آ.

سچو عشق ليلا ٿو مجنون بڻائي،
اسان کي خدا هي عنايت ڪئي آ.

خدا هي ٿو ڄاڻي اسان ڪيڏي تنهن جي،
ڏنل هر زخم جي حفاظت ڪئي آ.

سچڻ بي رُخي جو ڪيو ڇو آ "سڪندر"،
اسان کان بہ پردو ڇو نفرت ڪئي آ.

❊❊

## غزل

سحرا جي آب ۾ عڪس تنھنجو ھيو
منھنجي ھر خواب ۾ عڪس تنھنجو ھيو.

توکي سامھون ڏسي چنڊ پڻ ٿو جھڪي،
عشق جي باب ۾ عڪس تنھنجو ھيو.

ھن حيا جي ردا ۾ ڪو ويڙھيل ھيو،
خواب جي ساڀ ۾ عڪس تنھنجو ھيو.

آگ جنھن ۾ "سڪندر" جلي آ ويو،
باھ جي تاب ۾ عڪس تنھنجو ھيو.

❋❋

# غزل

ڏکيا ڏينهن گذريا تنهنجي شهر ۾
سوا توکان ناهي خوشي ڪنهن پهر ۾

اچن ٿيون ديوارون هميشہ ئي کائڻ
مٺا تنها توبن مزو ناهي گهر ۾.

سزا ايڏي ڏيندين خبر پئي نہ پهريان
اچي ويس اجايو مان تنهنجي اثر ۾

ڏينهن رات ”هاڙها“ مان ”سڪندر“ روئان ٿو
لڳو ڪان قهري آ منهنجي جگر ۾

**

## غزل

شام وارا ٻ آثار موٽي ويا،
تنهنجا سارا ڏنل وار موٽي ويا.

تو نہ سوچيو هوندو منهنجي جيون جي لئہ
تڏهن تنهنجا ڏنل وار موٽي ويا

تو ڪرڻ پئي گهريو حال مون سان پرين،
چو لبن تان سي اظهار موتي ويا.

عشق دهليز تي مون ڪي ڏک ۾ ڏسي
ڪي دلين جا ها دلدار موٽي ويا.

تنها "سڪندر" ڏسي دل جي آڳر مٿان
ڏينهن خوشين وارا يار موٽي ويا.

**

# غزل

محل ڪڏهن آ بر تي ويندو
سنسان ڪنهنجو گهر تي ويندو

ڏيئا ٽم ٽم ٻرندا وسندا
اونداهو منظر تي ويندو.

منصور، عاقل، راڻي وانگر
عشق اسان جو امر تي ويندو.

شوخيءَ مان جي مون ڏي ڏسندين
دشمن سارو تر تي ويندو.

تنهنجي هٿ پٿر جي ايندو،
سو پي سنگِ مرمر تي ويندو

سڌ ڪري پر ۾ ويهاريو
پينو ڪو "سڪندر" تي ويندو

❊❊

# غزل

بزم ۾ اسان کي وساري ويا ڇو
اسان جي خوشين کي ٻهاري ويا ڇو

هليا ويا تہ سڀ جام خالي ڪري ويا
نہ هڪ ڏڪ اسان کي پيئاري ويا ڇو

محبت اسان جي تي بندش هٽي اڄ
اسان کي هو جيئري ئي ماري ويا ڇو

ملڻ هو اسان سان پسند ئي نتا ڪن
تہ پوءِ راهہ ۾ هو بيهاري ويا ڇو

”سڪندر“ اسان اڳ ئي مدهوش هئا سون
وري خواب اهڙا ڏيکاري ويا ڇو.

❋❋

# چوسٽا

ڪٽي فضا جو آئي هڪ شام جو پهر
هيو چڙ منهنجي ماتام جو پهر
ويون لٽجي خوشيون اسان جون سڀئي
لڳي ٿو محبت جي انجام جو پهر

*

ڪو تہ راضي هيو ڪو تہ راضي هيو
زندگيءَ جو اهو نہ ماضي هيو
فيصلا ويو ڪري زندگيءَ جا سڀئي
چڙ تہ قاضي هيو چڙ تہ قاضي هيو

**

## غزل

تون چنبـ_ چڪور جيان مون چاهه ڪري ڇڏيو
ڪيئن پيار تنهنجي تي ڏس ويساهه ڪري ڇڏيو

هر شئي مون چڙي تولئه مجنون تي ويم سهٽا
مون نه توکي جيئڻ جو اتساهه ڪري ڇڏيو.

ها دين ايمان منهنجو مذهب ۽ ڌرم تون آن
توکي مان پنهنجي دل جو الله ڪري ڇڏيو

ها تاسو تتو هس مان جيئن ريت تتل ٿر جي
سا تاس مٽائڻ لئه درياهه ڪري ڇڏيو

ڇاحال ڪيو ”هاڙهي“ آ عشق تنهنجي ۾ ڏس
هن عشق ڪان مون توکي آگاهه ڪري ڇڏيو

**

# غزل

هوءَ سورن جي هڪ شام آئي ڪٽي
پاڻ سان گڏ ٻيو ماتام آئي ڪٽي

وئي هئي اظهار لئہ آئي روئيندي هئي
مون پڇيو هوءَ الزام آئي ڪٽي

آب وانگي هئي پاڪ ڪيڏي نہ هوءَ
پر هٿن ۾ هوءَ اڄ جام آئي ڪٽي

مون ڪندا ٻي سنيالي رکيا پاڻ وٽ
ٽوڙي گلڙن سنڌي ٽام آئي ڪٽي

”هاڙها“ ناهي خبر زندگيءَ منهنجي لئہ
ڪهڙا الفت جا انجام آئي ڪٽي

❊❊

## غزل

تو جهڙي محبوب جي آڏو ڪيئن چپن کي چوريندس
جيڪي آيون ڇوليون مان تن ڇولين کي ڇاڇوليندس

پير نيٽڻ تي رکي منهنجي ڀلي تون ڏس گهمي
پنبڙين جي لوڏ سان ئي ڪو نہ پنبڙيون لوڏيندس

جي لکي تقدير آهي ان لکيل تقدير جي
تو هجين بس راز ڪوئي راز سو نہ کوليندس

تو بہ ڇڏيا جيڪي ڦاڙي عشق جي ان باب مان
ان پنن جا سي ئي ٽڪرا پنهنجي ڪفن سان ويڙهيندس

جي ملن ڏک درد تو ڏانهن عشق جي ان راهہ تان
مان بہ سمجهان خوش نصيبي جيءُ پو نہ جهوريندس

مان بقا تنهنجي هجان تون هجين منهنجي فنا
هر جنم ۾ جان توتان مان بہ ”سڪندر“ گهوريندس

**

# غزل

## ”علم“

زندگيءَ کي سنواري ڇڏي ٿو علم
جاءِ تنهنجيءَ دل ۾ اڏي ٿو علم

چاهه مون سان رکو چاهه مون سان رکو
راهه منهنجي آ روشن سڏي ٿو علم

ڪاميابي جڏهن آهي تنهنجي ٿيندي
پوءِ خوشيءَ مان ڏس ڪڏي ٿو علم

رب ڏني روشني ”سڪندر“ علم جي
آ پرايون اسان نه ته ٻڏي ٿو علم

**

# غزل

وري رات آئي ته خيال هئي
قسم آ خدا جو بي مثال هئي

چنڊ کي تڪيندو رهيس هر هر
ها مون لئه بڻيل ڪو سوال هئي

ها تعريف هن جي ڪري نه سگهيس
ڏسڻ ۾ ته هو چا ڪمال هئي

رهي نظرن اڳيان شايد هڪ پل
لڳي ٿو ته صديون ۽ سال هئي

ڦري سوچ ۾ پئي ايئن "سڪندر"
وسارڻ ته جڻ ڪو محال هئي.

**

# غزل

## ”امڙ“

تنهنجي امڙ آ محبت پياري
رشتن ۾ هئي صحبت پياري

تنهنجا قدم جو هر هر چمندم
تڏهن ملندي جنت پياري

جي تون راضي مون تي ٿين ٿي
رب جي برسي رحمت پياري

تنهنجي پيرن ۾ مان دم ڏيان
”سڪندر“ جي آ حسرت پياري

**

## غزل

جيءُ اچ جُهريو آهي،
دل تو کي گُهريو آهي.

گهاريل گهڙين وارو،
وقت ڪو وريو آهي.

غم سڄي حياتي جو
مون پلي پيو آهي.

ڳالهه اڄ ٻڌي تنهنجي،
ڏُک تي پيو آهي.

حال جي ڏسين منهنجو،
کهڙو تي ويو آهي.

ڪو ٻڌي قصو منهنجو،
ڪيڏو ڏُک پريو آهي.

توسواءِ ڪيئن مون کان،
وقت ڏس ڦريو آهي.

اڄ گهڙي لڙي مونڏي،
دل منهنجي چيو آهي.

سورن جو پويان ”سڪندر“
پاڇو ڪو پيو آهي.

❋❋

## غزل

جيءَ پنهنجو اجاري ڇڏيون تہ بهتر آ
پنهنجو پاڻ وساري ڇڏيون تہ بهتر آ

ڏک جي ساموهون ٿي جي نٿا سگهون
نيهن پنهنجو پچاري ڇڏيون تہ بهتر آ

کهڙي ميار ڏيان مان زندگيءَ کي پيار جي
پيار جو ناڻءَ اڇاري ڇڏيون تہ بهتر آ

آس هئي اکڙين کي سڪن پيون پاڻي لئہ
اڄ لڙڪن سان سواري ڇڏيون تہ بهتر آ

ڪجھ لکيا سڪندر عشق جي باب ۾
سي هوائن ۾ اڏاري ڇڏيون تہ بهتر آ

**

# غزل

هڪ پل جو ناهي پرين پيار تو سان
ڪهڙو ڪيان ٻيو اقرار تو سان

اڄ گڏجي گهاريون ڪجهه ڏينهن پيارا
متان ڪري نہ سگهان اظهار تو سان

پري توڪان جاني اڪيلو مان آهيان
جڙيل منهنجو آهي سنسار تو سان

گهرين سر جي حاضر منهنجي جان آهي
ڪيان ڪيئن پيارا انڪار تو سان

سوا تنهنجي ”سڪندر“ رهڻ ئي ڏکيو آ
نهان ڪيڏو ٿو مان دلدار تو سان

**

## غزل

مون لئہ هن شام جي تون باد صبا هجين
بهارن ۾ نئين آيل ڪا فضا هجين

جڳ سارو ڳولي ڪيم توکي سجدو
متان يار منهنجي دل جو خدا هجين

عشق ۽ حسن جو هي عجب آهي تضاد،
مان تنهنجي بقا تون منهنجي فنا هجين

جيءُ ٿو پرندو وڃي متيءَ جي محل جيان
هن بت جي ساهہ جي تون بقا هجين

لڳي دوا نہ دارون حڪيمن ڪي ڇا ڪبو
هجين بس من اڳيان تہ تون هي شفا هجين

تنهنجي وارن جي ڇانءُ شل رهي هر پل
”سڪندر“ کان ڪڏهن نہ تون جدا هجين

**

## چوسٽا

راتِ هوءَ ياد هئي سحر تائين
نيڻ جاڳيا صبح جي پهر تائين

ديد مون سان ملائي وئي جيئن هوءَ
پوئتي ڏسندو رهيس مان گهر تائين.

ڪجهه تقدير جون ستون اڌوريون آهن
تڏهن پيار ۾ پرين مجبوريون آهن،
چا فلڪ تي وجي تنهنجو پيار ڏسجي
ڪيئن چوان هي ڏکيون دوريون آهن.

هوءَ گهوري جو مرڪي آ
هت زندگي ٻيي چرڪي آ
هي چا اچانڪ ٿي ويو
عشق جي جڻ باهه ڀڙڪي آ.

جدائي جا ڳوڙها ڏکيا يار آهن
تنهنجا هي وڇوڙا ڏکيا يار آهن
ڳٽي ڪيترا ڳٽيان زندگي جا
هي ڪلفت جا ڏينهڙا ڏکيا يار آهن.

**

# غزل

درد ڏئي پوءِ ڏکاري ڇڏيو تي
مون کي ايئن ڇا لئہ وساري ڇڏيو تي

کهڙي سک جي يار سزا ڏئي
نيهن مون سان تہ پچاري ڇڏيو تي

راهون نهاري يار ڏٺيون مون
وقت جان پو مون کي گذاري ڇڏيو تي

پيار ۾ سڪندر واهہ جو ڪئي تي
جيئري ئي مون کي تہ ماري ڇڏيو تي،

**

## غزل

وري يار هڪ ڏينهن نقابن ۾ آئي
لڳي پئي حقيقت خوابن ۾ آئي

اچانڪ فلڪ تي وئي روشني ٿي
ڏٺم يار سامهون شهابن ۾ آئي

حياتي ٻه منهنجي هئي ڊائري جان
ڏٺم ان کي کولي ڪتابن ۾ آئي

رڳو ناءُ هن جو رهي ٿو زبان تي
ڳالهايان ٿو ڪنهن سان جوابن ۾ آئي

ڏسڻ سان ئي”سڪندر“ويا هوش اڏري
قسم سان هو اهڙي حجابن ۾ آئي.

**

# غزل

ياد آئي وري زندگيءَ جي وفا
ٿي نہ حاصل سگهي تنهنجي محبت متا

هن جي لهجي ۾ هئي ڪاصدين جي صدا
مان نہ سمجهي سگهيس مون ڪان ٿي وئي خطا

مون ڪان اظهار شايد انهي لئہ نہ ٿيو
هن جي نيٽن ۾ هئي درد جي انتها

آهي ”سڪندر“ اجا حوصلو ايترو
ڏئي پلي درد هو ڏئي سگهي جيترا.

**

## غزل

جيسيتائين وئي نظر آهي
هر شهر تي ويو پڏر آهي

موج تنهنجي سنڌو خوشيءَ واري
لوڙهي ويئي سڄو هي تر آهي

ڪيئي اجڙي اجها ويا مارن جا
يا خدا ڪهڙو هي قهر آهي

ڪين ڪائڻ لئہ ڪجھ بچو تڏهين
پيٽ سان مون ٻڌو پٿر آهي

ماءُ ڪيهون ڪيون ٻچو جنهن جو
موت جي تي ويو نظر آهي

❋❋

# غزل

دل جي نندي اڱڻ تي تصوير آ ڏٺي مون
مقدر لڪيل هو ڪنهنجو سا لڪير آ ڏٺي مون

هڪ فاصلو هيو بس اک اک سان جو ملي هئي
اهڙي ڪڏهن نہ ڪنهنجي تقدير آ ڏٺي مون

هڪ پل ۾ هن سمورو احوال جو ٻڌايو
پهريون دفعو پدمڙي دلگير آ ڏٺي مون

هي خواب يا حقيقت چڻ منهنجي روبرو هئي
هٿڙن ۾ پنهنجي اڄ هي جاگير آ ڏٺي مون

سڪ ساه ڪي ستايو "سڪندر" آ تو پلايو
دلڙي مٿان ٿي منهنجي مهشير آ ڏٺي مون.

**

# غزل

لڳي دل وئي آ سزائن جي پويان
هئي ڇڻ تہ پنهنجي خطائن جي پويان

نہ ڪي حوصلو تس نہ ڪي سمجھ ئي ڪا
اجايو وڃي ٿي دغائن جي پويان

حياتي گذاري ويا ڪيترائي
وري ڪان آيا وفائن جي پويان

حسن عشق ۾ تون جلي خاڪ ٿيندين
ڇوڙ وٺ نہ وڃ تون ادائن جي پويان

قلندر، پٺائي، سچل تي ”سڪندر“
ڏنم آهي هر ڪو دعائن جي پويان

❊❊

# غزل

حسن آهي عشق جي ابتدا
ڇا لکي ڇا لکان توتي مٿا

زندگي آ ڏني تو عاشقي
مان ڪيان بندگي تنهنجي مٿا

حوصلو تي خطا ويندو پرين
جي ڏٺم يار مان تنهنجي ادا

باھ پڙڪي پئي تولءِ اجان
آءُ دل جي اندر تون دلربا

تون پڇي ڇا ڪندين مون ڪان پرين
ڪين مون هاريا هن حوصلا

ڏينهن ڪيڏا ڏکيا هن مون ڏٺا
دانهن ”سڪندر“ ڪڏهن پي ڪئي نہ آ

**

## غزل

وري رات ساري پلائي ڇڏيندي
اسان جي حياتي ڪٽائي ڇڏيندي

نہ راهون وٺان هان وساري وئي آ
پلا رڻ ۾ مون کي رلائي ڇڏيندي

وجي هن کي چئي ڪو ستائي نہ ايڏو
اجا حال هن کان وڃائي ڇڏيندي

خبر ڪا نہ مون کي پئي يار ڪڏهين
ستم سور مون لئہ وڌائي ڇڏيندي

مري ويو جي "سڪندر" وڏي ڳالهہ ناهي
اچي پاڻ "هاڙها" لٽائي ڇڏيندي

**

# غزل

رت ڳوڙها ڏنئي مون کي چو عيد جي تحفي ۾
تو روئاريو ڇا لئہ آ ڏس خوشي جي موقعي ۾

پهچانَ نہ ٿي منهنجي هر ڪو ٿو پڇي مون کان
اهڙا حال ڪيا ڇو اٿئي ڪنهن يار جي دوکي ۾

سمجهان ٿو پرين مان پيي چوندس نہ پرين توکي
وڏي ڏينهن ڏکايئي دل اچي يار تو رونشي ۾

هر ڪو ٿو ملي سڀ سان هڪ مان ئي اڪيلو هان
وئين قيد ڪري "سڪندر" هن درد پيي سوگهي ۾

**

# غزل

هو گذر ڇا هيو هي گذر ڇا آهي
زندگيءَ جو اجا ڏس سفر ڇا آهي

تات تنهنجي اجا ڇو ستائي پئي
تون تہ سامهون آهين هي اثر ڇا آهي

ايڏي ڪوشش هوندي پي نہ حاصل ٿئين
جي ٿئين بس ملين هڪ پهر ڇا آهي

خواب ۾ جاڳ ۾ هڪ ٻڌو شور هو
ڏينهن هڪڙي ڇيئين ڏي خبر ڇا آهي

مان تہ آخر فنا ٿي فنا ئي ويندم
دل پڇيو ڪو تنهنجو هم سفر ڇا آهي

حوصلا سڀ خطا ٿي ويا ٿي ويا
تو جي مون ڏي ڏٺو هي قهر ڇا آهي

عشق "سڪندر" اجا تو ڪيو ئي ناهي
توکي ڪهڙي خبر پو قدر ڇا آهي

**

# غزل

وارن جي چانءُ رخ تي رهڻ ڏي
ڪنهن کي تہ جيئڻ ڏي ڪنهن کي تہ مرڻ ڏي

هي چاهت جهڙي هي چنب جهڙي
آ صورت اهڙي مون کي ڏسڻ ڏي

ها تعريف تنهنجي آهي ڪئي مون
بس ايترو تہ ٻيو مون کي چوڻ ڏي

هي حسرت منهنجي ڪر يار پوري
هن پنهنجي دل ۾ هرهر اچڻ ڏي

مان تہ هوش وڃائي ڇڏيان نہ پنهنجا
جهٽ ٿوري مون کي محبت ڪرڻ ڏي

اڄ ٿهندو مقدر ”سڪندر“ جو ٻيي
جي ڳالھ مڃي تون اڪيون چمڻ ڏي

**

## وائي

تنهنجو چاهہ اسان،
دل ۾ چڙهيو آ رکي.
مون کي تو تہ وساريو،
ياد تنهنجي کي مان.
دل ۾ چڙهيو آ رکي
تنهنجو مليل گهاءُ سڄڻ،
پيار ۽ محبت سان.
دل ۾ چڙهيو آ رکي.
مون بہ خوشيءَ جو او پرين
کو لمحو تو کان.
دل ۾ چڙهيو آ رکي.
نکري سگهدين ڪئين تون،
توکي ”سڪندر“ جان.
دل ۾ چڙهيو آ رکي.

**

# غزل

مان رات لکان تہ سحر تائين،
تون ساڻ هجين سهڻل سائين.

تون وينو هجين پر ۾ جيڪر،
لمحو لمحو ڪيئن ٿو پائين.

ڪير نيائي ڪنهن سان ٿو ڏس
هن محبت ۾ ڪيستائين

گيت غزل ها توتي لکندو
سال صدين کا هيسيتائين

”سڪندر“ جيون جيسين آهي
پيار هلايون تيسيتائين

**

## غزل

دلربا بيوفا ٿي ويا ڇا ڪيون،
اوچتو هو پڪا ٿي ويا ڇا ڪيون.

سور دل ۾ ستل ڇڻ صدين کان هيا،
سي شروع سلسلا ٿي ويا ڇا ڪيون.

پيار پنهنجي جا دنيا ۾ چرچا هيا،
ڇڻ پراڻا قصا ٿي ويا ڇا ڪيون.

واعدا هو پنهنجا جو ڀلائي ويو،
پو وري فاصلا ٿي ويا ڇا ڪيون.

گهر، گهٽيون تنها سارو شهر ٿو لڳي،
”سڪندر“حادثا ٿي ويا ڇا ڪيون

❊❊

# غزل

توسان منهنجو چاهه او ساٿي
چاڻي ٿو هي الله اوساٿي

تو سان گڏ جي هلڻ ٿو چاهيان
تو ورتي ٻي راهه او ساٿي

توسان ساهه جي تار ڳنڍيل آ،
توکي نہ ڪا پرواهه او ساٿي

ڪڏهن تو ايندين مون ڏي جاني
ڏي ڪو وري ويساهه او ساٿي

جيون ڪيئن گذاريان "سڪندر"
ٿي نہ وڃان گمراهه او ساٿي.

**

# غزل

محبت توکان گهرجي کهڙي
تون هي ڏيندين چوٽ ڪا اهڙي

ڪائي ناهي منزل منهنجي
پو پي دل آ عاشق جهڙي

شايد پنهنجي توسان گڏجي
يادن وانگي چاهت ميڙي

هتڙي ناهي پنهنجو ڪوئي
هل تہ هلون ٻي پاسي دلڙي

”سڪندر“ منهنجو مقدر رئندو
حالت منهنجي ڏسندو اهڙي

❋❋

# غزل

اڄ ڏئي تون نہ وڃ ملڻ جو آسرو
تي پوي ڪو متان بچڻ جو آسرو

هر زخم درد ڏي تون پلي ڏي پلي
پر نہ ڪو يار ڏي سهڻ جو آسرو

لڙڪ پنهنجا اگهي مان ڇڏيندس پرين
ڪو نہ مون کي بہ ڏي اگهڻ جو آسرو

ننب ناهي اکين راهہ تنهنجي ڏسن
سڪ وڌي تي ناهي ڏسڻ جو آسرو

ڪن صدين کان پيا سو سڪندر آهي
يار ڏي پيار تون ڪرڻ جو آسرو

❊❊

# وائي

منهنجي ڪمري ۾،
دلڙي آيو ڪير هو
پنهنجون يادون ويو رکي،
ڪنهن جي لئہ هو سي.
دلڙي آيو ڪير هو
ايڏو ڪنهن کي چاهي ٿو،
هوندي دردن جي.
دلڙي آيو ڪير هو
روئڻ مون کي ٿو اچي،
هن جي ڇوڙين تي.
دلڙي آيو ڪير هو
تنها تنها ويو ڪري،
”سڪندر هاڙهي“ کي.
دلڙي آيو ڪير هو

**

## غزل

تنهنجي سپنن جي پچاڙي يار منهنجي زندگي آ
عشق ۾ آ جيت تنهنجي هار منهنجي زندگي آ

هوش پنهنجو آ سيااليو پوءِ بہ آهي بيوسي ڏس
تو سوا اي دلربا هي بار منهنجي زندگي آ

روز تعنا مهٽا مون کي هي زمانو آهي ڏيندو،
ڇا ٻڌائي ڇا ڪيان هت وار منهنجي زندگي آ

ڪير ناهي سڄڻ ڪنهنجو سورهي بس سور آهي
تو سوا هت يار ٽڪرا چار منهنجي زندگي آ

ڪر ختم پنهنجو جدايون ساهہ نڪري وڃي نہ ”سڪندر“
سار وچ تو ڪا لهي هڪ سار منهنجي زندگي آ.

**

## غزل

پتر ڪوئي مان پور تہ ناهيان
عاشق آهيان چور تہ ناهيان

ماري مون کي ماريو ڇو ٿا
گذريل ڪوئي دور تہ ناهيان

عاجز آهيان بيوس آهيان
ڪنهن کان ڏاڍو زور تہ ناهيان

مهڻا ڏيندؤ سهندس آخر
اندر خالي پور تہ ناهيان

ديوانو آ هن تي ”سڪندر“
ڇو ٿو ڇني پو ڏور تہ ناهيان.

**

# غزل

تنهائي جو منظر ڏٺو آ
ٽٽندي پنهنجو مقدر ڏٺو آ

ڪوئي ناهي ڏک جو ساٿي،
ڏار ٻہ پنهنجو همسر ڏٺو آ

غم يي آهن گهاؤَ ٻہ گهرا
پويي عاشق دردر ڏٺو آ

سور سهي مان ڪيترا سهندس
حال اڳي ئي مضطر ڏٺو آ

وقت ڪو اهڙو ناهي جيڪو
مرندي جيئندي "سڪندر" ڏٺو آ

**

## غزل

عشق ۾ تي فنا زندگي زندگي،
ڳوليندو پو رهيس هر خوشي هر خوشي.

هن جي معصوميت مون کي موهي وڌو،
چا خبر وڙندي آ سادگي سادگي.

ڪنهن ديواني جيان هن کي چاهيو هيو،
گهاءُ گهرا ڏنا عاشقي عاشقي.

سات ڏيڻ جا وچن هو وساري وري،
اوچتو ويو ڇني دوستي دوستي.

ڇا ڪريان هاڻ سڪندر ٻڌائي ڪوئي،
آ مهانگي پئي دل لڳي دل لڳي.

**

## غزل

صبح کان شام ٿيندي وئي
ڏکيو انجام ٿيندي وئي

هوريا هوريا هر خوشي
مون لئہ ماتام ٿيندي وئي

زندگي هن جي نالي ڪئي
اڻ گهري مام ٿيندي وئي

آرزو عشق جي ڪئي ۽ هو
پو تہ بدنام ٿيندي وئي

ڪو نہ اظهار ”هاڙهي“ ڪيو
پو چو الزام ٿيندي وئي

❊❊

# غزل

تنهنجي وارن ۾ جاڳي ٿي بادِ صبا،
تون اکيون ائين نہ کڻ ٿا وڌن مسئلا.

سهڻي صورت تنهنجي يار آهي چٽي،
چنڊ شرمائي ٿو، جي ڏسي ٿو ادا.

هر نظر تي ڪٿي يار تو تي وري،
حسن جو تو لڳين بادشاھ او مٺا.

مست آهي ڪيڏي يار موسم ڀلي
تنهنجي خوشبو ڪٽي چڙ اچي ٿي فضا.

هوش ٿي ويا خطا، ڪو نہ پنهنجا ٿيا،
منهنجا صدين کان ها حوصلا چڙ خطا.

منهنجا سڏڙن جو تي اثر ڇا ٿيو،
پرڪشش ٿي پئي "هاڙهي" جي هر صدا

**

## غزل

سور ٿيندي زندگي آ تون پري رهه دلڙي،
ڪسجي ويندي هر خوشي آ تون پري رهه دلڙي.

سال صديون کو نڀائي عشق جي سرحد ويو
پار هن جي عاشقي آ تون پري رهه دلڙي

ڪو سهارو کو نہ ڏيندو هت ستم تي آ ستم
درد جي ياري دوستي آ تون پري رهه دلڙي

هي زمانو آ وڪوڙيل هن رسم ۽ رواج ۾
وڙهندي سڀ جي سادگي آ تون پري رهه دلڙي

دانهن ڪهڙي مان ڪيان ڏس داد ڏيندو ڪير آ
سور صدما دل لڳي آ، تون پري رهه دلڙي

ايڏي شدت ساڻ ”سڪندر“ تو ڪئي سڏ ڪا نہ پئي
پيار محبت بندگي آ تون پري رهه دلڙي

**

# غزل

ڪاش جيڪر تون هجين ها
حال هيٺو پو ڏسين ها

سڪ پيي سالن کان جنجهوڙيو
هڪ پهر ڪو تون اچين ها

عشق جي بس باهہ وڪوڙيو
پو تڙپڻ سو ڏسين ها

ساڻ ڪونهي سات ڪنهنجو
ياد ٿورو تون ڪرين ها

نيٺ "سڪندر" پيي مري ويو
موت کان اڳ جي ملين ها

❊❊

# غزل

شان تنهنجو ڏنم نانءُ سنڌي ٻڌم
ساهه صدقي ڪيم هِن جنم هُن جنم.

موج مهراڻ هئي سونهن دريا مٿان،
مان تہ چولين ۾ گُم ٿي ويم ٿي ويم

ٽوپي، اجرڪ ثقافت پراڻي پنهنجي
رقص گيتن تي جو مان ڏٺم مان ڏٺم

شاهه، سامي، سچل آ قلندر هتي
پهرو ولين جو آ هر قدم هر قدم

ڇا لکي ڇا لکان سنڌ تنهنجي مٿان
ويندا ڪاغذ قلم ٿي ختم ٿي ختم.

شال آباد تون سنڌ منهنجي هجين
مان سهان تنهنجي لئہ هر ستم هر ستم

گيت، وايون، غزل زور جذبا نوان،
ٿو ”سڪندر“ لکي هر جنم هر جنم.

❋❋

## وائي

دودا ڏرتيءَ جا
توکي سنڌ سڏي پئي.
ويري هتڙي هن گهڻا
جيجل تنهنجيءَ جا
توکي سنڌ سڏي پئي
ناهہ نڌڻڪي سنڌڙي
دشمن کي تون ٻڌا
توکي سنڌ سڏي پئي
موجون ناهن آ سڪل
سنڌڙيءَ جو دريا
توکي سنڌ سڏي پئي
”سڪندر“ آهيان منتظر
هاڻي جلدي آ
توکي سنڌ سڏي پئي

**

# گيت

هي کهڙا تي ويا فيصلا زندگي
هر قدم تي آهن فاصلا زندگي

ساٿ تنهنجو هيو وقت گذري پيو
هي ڪنارا ڪشي، ۽ وڇوڙو نہ هو
اهڙا ڇا لئہ ڏنا سلسلا زندگي

دل شڪستا نہ هئي راهہ ڏسندي رهي
سور صدما هيا بس سهي هو پئي
چاهتن جا مليا هي سلا زندگي

خواب "سڪندر" سمورا نہ پورا ٿيا
بس اڌورا هيا سي اڌورا رهيا
ڇو نہ مون کي ڏنئي حوصلا زندگي

**

## گيت

الوداع مون کي ڪيئي سورن جي تون بازار ۾،
چو ڇڏي مون کي ويو آن اهڙي تون آزار ۾.

تو سوا ڏس مون ڪڏهن نہ ڏينهن سک جو گهاريو آ
تنهنجي يادن جو سدائين هر پهر مون گذاريو آ
ڇو اڪيلو ڇو اڪيلو وئين ڪري سنسار ۾

سر بہ حاضر تو اڳيان سهٽا سدائين ڪيو اتم
ڏار توڪان او پرين مان مرڻ جهڙو ٿي ويم
ساهہ ٿو نڪري مٺا تنهنجي ئي انتظار ۾.

چو ”سڪندر هاڙهي“ جي تون زندگي برباد ڪئي،
منهنجو سڀ ڪجهہ تون وڃائي، ٻي جو گهر آباد ڪئي
ڪير ڪنهن سان ٿو ڪري ڏس ڇا ڀلا ائين پيار ۾

**

# گيت

جنهن لئہ دلبر سوچين ٿو ويٺو
اهو هرگز تنهنجو ڪو نہ ٿيندو
ڇا لئہ پاڻ ڪي ايڏو وڄايو اٿئي
ڪم هن جو آ هو سور ڏيندو.

ڦريان دل نہ لڳائين ها ڪنهن سان
ائين اک نہ ملائين ها ڪنهن سان
ٿورو ماڻهو تہ آهي سوچيندو.

جنهن ڪي محرم دل جو بڻايو تو،
درد تنهن ڪان دل جو پرايو تو
پوءِ بہ هن لئہ ڇو آهين مرندو.

تنهنجو ڪو نہ ٿيندو هاڻي يار ”سڪندر“
ڏک حياتي بڻجي وينديئي مقدر
هاڻي ”هاڙهو“ توڏي ڪو نہ ايندو.

**

## گيت

ڏنو يار جو مون وفا وارو منظر
لڳي تو ائين ڇو سزا وارو منظر

ڇري دل ٻه هاڻي گهڙي پل صبر ڪر
ايڏو ناز هن تي نه ايڏو فخر ڪر
ها ڏيندو آ دوکو ادا وارو منظر.

لڳي چوٽ ويندئي سهي ڪو نه سگهندي
پئي روز دانهون مون کي يار ڏيندين
اتئي عشق ۾ پو فنا وارو منظر

اجايون اميدون رکيون تئي ”سڪندر“
رڳو توکي ملندا دنيا ۾ ستمگر
نه ڏس ”هاڙهي“ ۾ تون جفا وارو منظر.

❊❊

# غزل

قرب جو سلسلو پيار جو سلسلو.
بس هلي ٿو اجا يار جو سلسلو.

ياد سڀ ڪان اول ياد هن جي هئي
بس سمائي ويو سار جو سلسلو

ڪا مهل ڪا گهڙي ڪانہ هو ٿو ڏسي
هر گهڙي ٿو رکي خار جو سلسلو

ڇو نہ ميلاپ پنهنجو متا ٿو ٿئي
هلندو ڪيسين هي انڪار جو سلسلو.

عشق "سڪندر" ڪيو ڇڙ ازل ڪان هيو
سال صديون هليو هار جو سلسلو.

**

## چوسٽا

سور صدما نہ ڏي هي وڇوڙا نہ ڏي،
مون جي ٻاڙيا ڪڏهن سي تون ڳوڙا نہ ڏي
مان تہ پل پل جيئان بس مران ٿو متا
قيد خاني سان گڏ يار ڪوڙا نہ ڏي

❊

زندگي هي متا قيد خانو لڳي
پيار جي نانءُ تي هي بهانو لڳي
پيار جي مُند گهُري وقت لوري ڇڏي
هر خوشي ڇڻ تہ گولي نشانو لڳي

❊

سور صدما ڏنا زندگي هر پهر،
نيڻ تو لئہ رنا زندگي هر پهر
ڪاش تو وٽ هجن درد مون لئہ اجا
ڏي وڃان ٿي فنا زندگي هر پهر.

❊❊

ڪنهن ڪاغذ تي لکيل سپنا هيم
پنج ڇهہ يا ڏهہ ٿورا پنا هيم
ڪڏهن کاٽي هئي ڪڏهن شاعري
بس اکرن ۾ ٿيندو فنا هيم

❊❊

# غزل

ماپڻ لئہ ميزان ڪٽي ڏي،
غم جو پو آسمان ڪٽي ڏي.

هيڏين قسمن سان نہ مجي ٿو،
مون کي پل قرآن ڪٽي ڏي.

سمجهہ چوان مان تو کي ڇا ٿو،
مون ڏي تون بہ ڌيان ڪٽي ڏي.

قيد اول ڪان آهيان تو وٽ،
دل تي ڪيئي زندان ڪٽي ڏي.

تون خوشيون ڪڻ مون کي بيشڪ،
سورن جو سامان ڪٽي ڏي.

ساري حياتي تڙپان ڦتڪان،
اهڙو ڪو ارمان ڪٽي ڏي.

پورا پورا ٿي ويندس مان،
هڪڙو ئي پهتان ڪٽي ڏي.

تون ڪڻ رنگ برنگي دنيا،
مون کي جڳ ويران ڪٽي ڏي.

# غزل

سودي بازي کھڙي توسان،
يار پلي نقصان ڪٽي ڏي.

مان آهيان جوئاري پل تون،
هاريل ميدان ڪٽي ڏي،

توکان منهنجو پڇن جي پنهنجا،
يار ڇئي مهمان ڪٽي ڏي.

سڀ جي سامهون مون کي پنهنجي،
ٻانهي جو هي مان ڪٽي ڏي.

پن پن تي جيئن وکري وڃان مان،
اهڙو ڪو طوفان ڪٽي ڏي،

ڇا ڇا ڪيان ڏس ڪاڏي وڃان ڏس،
پنهنجو تون فرمان ڪٽي ڏي،

لوڪ رهي بس مون کي ڏسندو
عبرت جو سامان ڪٽي ڏي.

دردن جو هي دلبر سارو،
ويڙهي تون ٻہ جهان ڪٽي ڏي.

عشق جي آهي ڪيسيتائين،
سرحد جو نيشان ڪٽي ڏي.

هر ڪو پُڇي ٿو مون ڪان دلبر،
مون کي ڪو عنوان ڪٽي ڏي.

سال صدين جو بکيو آهيان،
يار سڪل ڪو نان ڪٽي ڏي.

يار ڏسي هي منهنجا ڳوڙها،
رحم سندو انسان ڪٽي ڏي.

مارڻ منهنجي لئہ تون ڪنهن کي،
دلبر تير ڪمان ڪٽي ڏي.

منصور جيان چاڙهي ڦاهي،
اهڙو ڪو سلطان ڪٽي ڏي.

مرندي مري ويو ”سڪندر“ تنهنجو،
ان کي قبرستان ڪٽي ڏي.

**

# غزل

چيو مانس هنڙي ساحل کو اچا آ،
ڪٿل فاصلن تي ڦاٿل کو اچا آ.

اچڻ دير هن جو ضروري تہ آهي،
پلي مند متي هو قائل کو اچا آ.

لڳي نيهن واري اچانڪ هوا جو،
ڏنم يار ايندي شامل کو اچا آ.

ٻچي ڪير سگهندو نظر ڦيري هو جي،
چيو جي مچي تون قاتل کو اچا آ.

ڏسي حال هن جو ويو پنهنجو وسري،
صدين کان لڳو پو گهايل کو اچا آ.

اکر پيار جو تو نہ سمجهيو آ ”سڪندر“
چا تن کان کو وڏکي جاهل کو اچا آ.

❊❊

# غزل

ڪٽي کهڙو ڪٽان صنم تنهنجو قسم،
سهي سگهندم نہ ٻيو زخم تنهنجو قسم.

ڀلي سولي چڙهين چاڙهي پرين مون کي،
اهو لڳندو مٺو ستم تنهنجو قسم.

ٻُڇي جيڪر اچي مون کان اگر ڪوئي،
ٻڌائي ڪين ڪي سگهندم تنهنجو قسم.

ڏنئي جي درد دل وارا، پرين پيارا،
ٽُٽو رشتن سندو ڀرم تنهنجو قسم.

مري "سڪندر" وڃي جيڪر نہ پوءِ ٿئي،
سڄڻ هي سلسلو ختم تنهنجو قسم.

**

# غزل

هن سان منهنجو چاهه هيو ڪو،
صدين جو ويساهه هيو ڪو.

ڪعبي ڏي ڪيئن پير ڪيان ها،
مون لئہ چڻ الله هيو ڪو.

منهنجو درد نہ هن پئي سمجهو،
ماڻهو بي پرواهه هيو ڪو.

دين ڌرم بس هن کي سمجهيم،
ٻي نہ ڪهين سان ناهه هيو ڪو.

جيون تڙپيو هن لاءِ ڏاڍو،
هن ۾ منهنجو ساهه هيو ڪو.

دل جي چئي تي جهاڳي نڪتس،
سامهون چڻ درياهه هيو ڪو.

خواب ٽٽڻ کان "سڪندر" پوءِ،
سوچيم گڏ همراهه هيو ڪو.

**

# غزل

جيڪي مون سان ڪيئي وير ڏسندو رهيم،
روز واري اها هير ڏسندو رهيم.

ڪا نشاني ملي راهه تنهنجي ڏني،
مون ڏي ايندي تنهنجا پير ڏسندو رهيم.

ڪنهن بهاني ڏنئي سور پيي ساڳيا،
درد تنهنجا سوا سير ڏسندو رهيم.

مون وفا هئي سڪي تو سزا ڏيڻ سڪي،
تنهنجي مَنَ ۾ هُيا ميرَ ڏسندو رهيم.

زندگي ير لکيا نانءُ ”سڪندر“ تنهنجي،
سي اهي دلربا شعر ڏسندو رهيم.

❊❊

# غزل

رات ڪاري هئي هوءَ اجاري هئي،
هن جي محبت ڏنم سنڌ واري هئي.

قرب ايڏو ڏنئي مان تہ ڏسندو رهيس،
چڻ صدين ڪان لڳي درد ماري هئي.

پيار جي چانوَ ۾ تنها هيڪل ڏنم،
سونهن سمنڊن جيان سنڌ ساري هئي.

ڪيت ۾ مون وڃي مٿ پريندي ڏنم،
اڪين آڏو اچي وئي انڌاري هئي.

مرڪندي هوءَ اچي ”سڪندر“ سان ملي،
ان ادا عشق جي باھ ٻاري هئي.

**

# غزل

ترس ٽورو پرين حوصلو اچڻ ڏي،
عشق جي باهه کي ٽورڙو مچڻ ڏي.

تيز تلوار جان تند آهي تکي،
سڪ وڌي ٿي تنهنجي پل اچا تہ وڌڻ ڏي.

دير ٿيندي کهڙي ڳالهہ توسان ڪندي،
حال دل جو پرين پاڻ سان تہ ڪرڻ ڏي.

سوچ ڦاٽل آهي ترس ٽورو اچا،
مان تہ سچ تو ڏسان بس اچا تہ لهڻ ڏي.

سونهن سينگار تي جان پنهنجي ڪيان،
وقت اهڙو اچي بس فدا تہ ٿيڻ ڏي.

نينهن نروار پيو يار پنهنجو ٿئي،
لوڪ کي پل پوي هي خبر تہ پوڻ ڏي.

شام ٿيندي اچا رات آهي پري،
ويل رهہ ڪا گهڙي وقت کي تہ وڃڻ ڏي.

عشق دهليز تي"سڪندر" سان ملي،
تو جي مرڪي ڏنو دل چيو تہ مرڻ ڏي.

❊❊

# غزل

شمع تي ٻڻجي پروانو وڃان ها،
تہ شعلن جي سامهون وسامي وڃان ها.

عشق جي باھ ۾ مان تہ سڙندو رهان ها،
محبت ۾ پوءِ ڀي وڪامي وڃان ها.

ڪٽي ڪو نياپو اچي ڏئي ها مون کي،
انهي جي پڙڻ پو سلامي وڃان ها.

تون هڪ ڀيرو هٿ ۾ ڏئي هٿ هلين ها،
سچڻ ٿي مان نامي گرامي وڃان ها.

اڃا جي ملي ها حياتي اي ”سڪندر“
ڪري تنهنجي در جي غلامي وڃان ها.

**

## گيت

زهر زندگي آ صنم جو رُتل آ.
انهي ڏينهن کان ئي مقدر ڦُٽل آ.

مڙي وچ تون دلڙي لکي چا لکان مان،
اچا رات ڪنهن وٽ وچي چا رهان مان،
ته چڻ شعر کو ڊائري ۾ ڪٽل آ.

پيان جام ٿو يا پياريو ويو آ،
صدين کان انهي آس جياريو ويو آ،
اچا من ۾ هڪ درد شايد ستل آ.

نظر سامهون هو نظر جو ڪٽي ويو،
ادائن ۾ هڪ دم صفا هو وٽي ويو،
اچا دل ۾ مانڌاڻ ڪوئي متل آ.

جي ماضي ڏسان ٿو ته روئڻ اچي ٿو،
مگر هو ته پلجي نه "سڪندر" پڇي ٿو،
اکين مينهن ڪڻيون، ڪا برسات پيل آ.

**

# غزل

ڏي نہ دلبر ڪٽي سوچ جو آئينو،
وج نہ پت سان هٽي سوچ جو آئينو،

مون سان تنهائي ڪمرو ۽ گڏ بسترو
تيل سرما ڦٽي سوچ جو آئينو.

ڇا ٻڌايان تو کي حال واقف آهين،
ڏي نہ دل جا ڌٽي سوچ جو آئينو.

حال هيٺو پرين لُڙڪ منهنجا ڏسي،
قيد ويندو ٻٽي سوچ جو آئينو.

❊❊

# غزل

نظر هو نظر ۾ نظر ڪو نہ آيو،
خوشي جو لڙي هڪ پهر ڪو نہ آيو.

ڳوليندي ڳوليندي وئي عمر گذري،
اسان ڪي الئہ ڇو صبر ڪو نہ آيو.

ٻہ ٽي آيا ماڻهو پڇڻ حال هيٺو،
روئي مون ڏنو همسفر ڪو نہ آيو.

اڪيلائي مون ڪي اڃا راس ٿيندي،
ٻڌائڻ سو هڪڙو پهر ڪو نہ آيو.

بيابان سحرا لڳو دل جو منظر،
انهي رات ڪان پو سحر ڪو نہ آيو.

روئي آڃيان پيو ڪيان عشق جي مان،
حياتي ۾ ان جو گذر ڪو نہ آيو.

ڪشالا ڪياسي عمر يار جي لئہ،
اسان ڪي ڏسڻ هو شهر ڪو نہ آيو.

حياتي جا پاڇا ڪي ايندي ڏٺا مون،
پڪو دل جو دلبر پٽر ڪو نہ آيو.

ڪيو پيار هن هو خوشي ساڻ "سڪندر"
جدائي جو سمجهہ ۾ اکر ڪو نہ آيو.

**

# غزل

ارمانن جي دنيا چوان مان،
گيت حقيقي ڪو نه لکان مان.

سات نيائيندين ڪيسيتائين،
ٻيهر هڪڙو ڀيرو ڏسان مان.

واجب توکي يار لڳي ٿو،
تنهنجي هوندي سور سهان مان.

جهول ڀري ڏي خوشيون مون کي،
نچندو ڪُڏندو يار وڃان مان.

وس ۾ ناهيان دلبر پنهنجي،
دلڙي تو بن ڪيئن پليان مان.

پنهنجو ناهي ڪوئي ساٿي،
توسان کي پل گڏجي رهان مان.

تنهنجي هَٽَ جو هر هر پياري!
جام مٽان ٿو جام پيان مان.

قرب عنايت تنهنجي ۾ ئي،
ورهين تائين يار جيئان مان.

تنهنجو پاڇو يار جتي پئي،
سجدو اتڙي هر هر ڪيان مان.

”سڪندر“ جو ڏس مقدر اهڙو،
پينن ڪان وڌ يار آهيان مان.

❊❊

# غزل

ڳل منهنجي تي ڳوڙھا آھن، ڪر مات ڪڪر ڪر مات ڪڪر،
وسندي تو نيڻ ڏٺا ناھن، ڪر مات ڪڪر ڪر مات ڪڪر.

جي تون وسندين مون ڪان اڳ ۾ دلبر منهنجو سجھي ويندو،
تنهنجون ڪٽيون ڪجھ ٻي ناھن، ڪر مات ڪڪر ڪر مات ڪڪر.

منهنجي اکين جا بادل ٻرجي ڏس ڪيئن اڇن ٿا ئي ھوريان،
بس اکڙين ۾ ٿورو جاءِ ناھن، ڪر مات ڪڪر ڪر مات ڪڪر.

تون ڪيئن وسين ٿو ڪنهن جي لئہ دلبر لئہ ڏس منهنجون اکيون
سارو ڏينهن پيون سي واھين، ڪر مات ڪڪر ڪر مات ڪڪر.

تون پار وڃي دلبر کي چئو نيڻ سڪندر جا روئي روئي،
راھ تنهنجي پيي ڏسندا آھن، ڪر مات ڪڪر ڪر مات ڪڪر.

❊❊

# غزل

ڪجي ڇا تہ هاڻي عبادت ڪپي ٿي،
ٻہ ٿين رپين عيوض شهادت ڪپي ٿي.

حقيقت نہ دنيا رڳو ڪوڙ آهي،
سري عام هر جاءِ جهالت ڪپي ٿي.

ٻہ ٿي ڏينهن ويهي چلو جنهن پچايو،
انهي شخص جي پيي ڪرامت ڪپي ٿي.

پنهنجو دين ناهي ٻڌائي ٿو هرڪو،
خدا پيي ڏسي ٿو ملامت ڪپي ٿي.

شُڪر ناهي ان جو ڏسون ٿا نہ ڪنهن وٽ،
رڳو نفص دولت ذلالت ڪپي ٿي.

گهران ٿو دعا مان ملي سڀ کي هردم،
صبر جي اي ”سڪندر“ عنايت ڪپي ٿي.

**

# غزل

اسان جو اسان ڪان نہ مقدر ڪسي ها،
چوي ها مري وڃ نہ دلبر رُسي ها.

ايئن لوڪ آڏو چڏي ها نہ مون کي،
جدائي ڪري پيو تہ ٿورو ڏسي ها.

ڪري لُڙڪ هاڻي پيا يار جيڪي،
اهڙو مينهن اکين مان نہ ڪوئي وسي ها.

اجا سور صدما ٻہ ٽي ٻيا ٻہ ڏئي ها،
ايئن لوڪ مون تي نہ جيڪر کلي ها.

اجائي ”سڪندر“ ڪري عشق ويٺو،
جي سوچي ها پهريان نہ ڪو ڏُک رسي ها.

**

## غزل

قُرب ايڏو ڏنئي دل ڪشا تي وئي،
زندگي ير جي هيءَ چڻ صدا تي وئي.

ڪهڪشان پيار هو اڻ گهريو پيار هو،
هر طرف ڪان متا واهوا تي وئي.

سڏ ڪري ايئن پئي ٻولي ڪوئل جيان،
تنهنجي ٻولي ٻڌي دل فدا تي وئي.

هر خوشي آ ملي قرب تنهنجي منجهان،
جا عبادت ڪئي سا ادا تي وئي.

دل گهُري دلربا دل ”سڪندر“ ملي،
آجيان مون ڪئي بسم الله تي وئي.

**

## سرائڪي

ڌرتي خاطر ڪنڌ ڪپويسون،
سنڌڙي خاطر ڪنڌ ڪپويسون.
غيران ڪون اتي ڪڙڻ نہ ڏيسون،
ڌاريان ڪون اتي ڪڙڻ نہ ڏيسون،
مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون.

اساڈي منڙي ڈاڍي ٻولي،
سنڌي ٻولي، تي ماءُ دي لولي
ويري سنڌ دا ڏيکو جي يارو،
سيني انهن ڪون سڌي گولي
ڌاريان ڪون هڻ ابتا ٽنگيسون.

ذاتي جهيڙي يار ستو چا،
جيجل سنڌ دي ٿنج ملهائو،
اهو نماڻان عرض هي ميڏا،
سنڌو ديش دا نعرا لڳائو،
آپڻي عزت آپ وڌيسون.

حق سنڌين دا لٽيا وينداا اي،
آکي ”سڪندر“ حق چن گهنسون،
ڌرتي وارث ڏُک نہ ڏيکن،
ڌرتي ڪون گلزار بڻيسون،
اپڻا سر قربان ڪريسون.

**

# غزل

جي ملي ڪو پل خوشي،
چو ڪري ڪو خودڪشي.

هن بڪايل پيٽ لئہ،
تو گنوائي زندگي.

يا خدايا ڪر رحم،
تنگ بشر آ هر گهڙي.

پيار واري پرٽي ۾،
پئي وڏي تي دشمني.

اي زمانہ تون ٻڌاءِ،
ڪٿ سچي آدوستي.

وحشي ويا انسان تي،
مون دنيا جاچي ڏٺي.

❋❋

# غزل

زندگي آ اجان قيد جي ڪوٺڙي
مون جهلي عشق جي آ اڳيان جهولڙي.

خير ۾ تون پلي ڏي زخم ايترا،
هر ستم سان پري ڇڏ منهنجي گودڙي.

مون گهريو سمنڊ ڪان پيار گهرو هيو،
هو پري ٿو اچي ڪا ڪٽي لوٺڙي.

مان ڇيو مانس اڄ اچ وڙهون سنڌ لئہ،
حق ڦريو ٿو وڃي اومنهنجي جو ڌڙي.

ڏس فقيري منهنجي حال بي حال آ،
عشق تنهنجي ڪيو آ مون کي جو ڳڙي.

هي ڇري حادثو ڪئين ٿيو آ ٻڌاءِ،
مان ٻڌل ٿو ڏسان پنهنجي اڄ جهوپڙي.

ياد توکي هوندو توڇيو هو مون کي،
آٽي ڏي او "هاڙها" سنڌ جي سوکڙي.

**

## گيت

ستم نہ ڪر اي رات تون سحر منھنجو تہ آ پري،
ڪُتي وچي ھي خير سان سفر منھنجو تہ آپري.

صبر تہ ڪر ٻہ لڙڪ ھي منھنجا وڃن وھي وھي،
ڪيان تہ ڇا ھن راھہ ۾ اڃان ٻڌا رھي رھي،
اکين وارو وسي پوي ڪکر منھنجو تہ آ پري.

ڏسي ھي ڪاڪ منھنجي تون رُني ھوندينءَ اي رات تون
ڪُتي ڪُتي صفا آخر ڪُتي ھونديءَ اي رات تون،
نہ تو ڪُتي لڳي تو چڻ پھر منھنجو تہ آ پري.

وڃان تہ ڏس ڪاڏي وڃان جتي ڪتي ستم آھي،
ڪيو تہ تو ھن پي ڪيو ھتي ھُتي ستم آھي.
ملي نہ تو ھي سوچ جو اثر منھنجو تہ آ پري.

اگر پُڇي ٻہ ڪو توڪان منھنجو ڇئي ڏجان ڪٽي،
روئي روئي مري ويو ”ھاڙھو“ ڏئي ٻہ دم ڏٽي،
اوھان جي ساٿ ڪان سڄڻ شھر منھنجو تہ آ پري.

**

# غزل

سوا تو عبادت مٺا ڪو نہ ٿيندي،
اڃڻ تنهنجي تائين قضا ڪونہ ٿيندي.

ڪري ماڻهو سجدا گهري ويا دعائون،
اسان جي سوا تو دعا ڪو نہ ٿيندي.

اکين آڏو اوندھ ڏسان ٿو نہ ڪجھ پي،
بنا تو اکن کي شفا ڪو نہ ٿيندي.

وفادار آهيان، وفائي ڪندس مان،
سڄڻ مون کان ڪڏهين دغا ڪو نہ ٿيندي.

سڪي آحياتي منهنجي يار تو لئہ
اچي وڃ ٻي سڪندر صدا ڪونہ ٿيندي

**

## غزل

ڪڙڪي ڪولي ڪنهن تہ نهاريو،
ڪنهن آ مون ڪي يار پڪاريو.

مونهن جي منهن تي مرڪ پسي پو،
هن پيي ڪلندي ڏينهن گذاريو.

ڪو سجهائي ساھ منهنجي ڪي،
ڪهڙي موڙ تي هن آ بيهاريو.

هڏڪي مٿان جو آئي هڏڪي،
ساھ منهنجي ڪي ڪنهن آ ساريو.

عشق اُلانبا ”هاڙها سڪندر“
ٻارڻ دل ۾ ڪنهن آ ٻاريو.

**

## غزل

سوا تو عبادت متا ڪو نہ ٿيندي،
اڇڻ تنهنجي تائين قضا ڪونہ ٿيندي.

ڪري ماڻهو سجدا گهري ويا دعائون،
اسان جي سوا تو دعا ڪو نہ ٿيندي.

اکين آڏو اوندهہ ڏسان تو نہ ڪجهہ پيءِ،
بنا تو اکن کي شفا ڪو نہ ٿيندي.

وفادار آهيان، وفائي ڪندس مان،
سڄڻ مون ڪان ڪڏهين دغا ڪو نہ ٿيندي.

سڪي آحياتي منهنجي يار تو لئہ
”سڪندر“ ڏي اچ ٻي صدا ڪونہ ٿيندي

**

# گيت

اٿو وڙهو بهادرو ظلم اهو ختم ڪيو،
صدين کان ٿيندو پيو اچي ستم اهو ختم ڪيو.

اهي سيئي تہ قيد جا ٽوڙي ڇڏيو ڪڙا ڪندا،
نہ ٿو ڪو ياءُ اهڙو کپي اسان چڱا هون ننڌڻڪا،
اسان جي سنڌ کي مليل زخم اِهو ختم ڪيو.

سنڌي قوم جي مٿان پيلا هجي چو ڌاريو،
وطن سنڌو آ ديش هي ڏُکي گهڙي گهاريو،
ڪري پيو صدين سندو حڪم اهو ختم ڪيو.

اچو ملون تہ هڪ ٿيون آزادي لئہ وڙهون مرون،
هاڙهو چوي هي سنڌ لئہ پنهنجو ڏئي بہ سر وڃون،
ڌاڙا بندي جو سلسلو ختم اهو ختم ڪيو.

**

## نوحو

دشت بلا ۾ والله هٿ جو ڪنيا سڪينا
ڏسندا رهيا فرشتا روئندا رهيا سڪينا

بابو منهنجي ڪُسي ويو ڀائر منهنجا ڪُسي ويا
ڪربو بلا جي رڻ ۾ هي ويڻ ڪيا سڪينا

الله جو قسم آ ارمان بس اهو آ
ننڍڙي عمر ۾ توکي صدما مليا سڪينا

لاون جي عمر وارا ڪونڌر جوان هئَ هئَ
نيزن تي ويا چڙهي ڏس نازن پليا سڪينا

ڏک سور تنهنجا لکندي ڪاغذ قلم سان گڏ گڏ
”سڪندر“ جي ٻي اکين مان ڳوڙها ڪريا سڪينا

**

# اردو شاعری

## دعا

التجا التجا التجا التجا،
واسطے مصطفیٰ تو مدینے بلا،
میری تجھ سے ہے یہ ہی دعا،
میری پوری کرو اے خدا۔

☆☆

ایک جلوا دیکھا دیے میرے کبریا،
جو دلمیں ہے میرے سمائی صدا،
تو دیکھا دے مجھے یا بلا لے مجھے،
میری برسوں سے ہے اک صدا۔

☆☆

ہم گنہگار بندے ہیں تیرےخدا،
تو ہمیں بخش دے واسطے مصطفیٰ،
اے میرے کبریا پار بیڑا لگا،
اور تجھ سے میں مانگوں میں کیا۔

☆☆

تو مقدر کا مجھ کو سکندربنا،
اپنی قدرت سے مجھ کو تونگر بنا،
تیرے در پے جھکا ہوں سخنور بنا،
میری سن لے تو آہ بکا۔

☆☆

## نوحہ

تیرے سوا اے بابا کیسے رھے سکینا
زخمونے بھرا دل ؛کیسے سھے سکینا

پانے نہ میں پیوں گی چھوٹا ھے مجھ سے اصغر
کیئے دن سے ھے وُ پیا سا کیسے کھے سکینا

اب آنسوں پوچلی تو کوئی نھی رھاھے
کتنے گذر گئے دن بیٹی رھے سکینا

سکندر کی آروز ھے سکندر کھی سے تمنا
تیری دعا سے تیری نوح لکھے سکینا

☆☆

## نوحہ

تیرا غم کرتے رہین گے ھر گھری ابن علی
کم نہ ھوگا غم کبھی یہ جب تلک ھے زندگی

حشرتک کرتے رھیں گی تیرا ماتم یاحسین
تیری نوحہ خواں ھیں ھم تیری ھے ھیں ماتمی

ھم تو زھرہ کی دعا ھیں مٹ نہیں سکتے کبھی
ساری دنیا میں ھے پھلے کوچہ ھر گلی

تیرگی نزیک اپنے آ نھیں سکتے کبھی
چارسو پھلی سوئے ھے نور کی جو روشنی

میں مقدر کا سکندر کیوں نہ کھلا تارھوں
میری رھبر میرے آقا میری مولا ھیں علی

☆☆

# نوحہ

بازار کا ہے منظر زینب کا یہ تھا نوحہ
سر پر نہیں ہے چادر زینب کا یہ تھا نوحہ

تطھیر کے پلی میں بلوائے عام میں ہوں
کوئی نہیں ہے ھمسر زینب کا یہ تھا نوحہ

غم کھائی جا رھاہے گھر سے کبھی نہ نکلی
پھر ائی گئی میں دردر زینب کا یہ تھا نوحہ

بیٹے بھے مارے گئے ہیں بھائی ھے مارے گئے ہیں
ھائے میرا یہ مقدر زینب کا یہ تھا نوحہ

قیدی بناکے مجھ پے کیوں ظلم اٹھا رھے ھو
میں پچھلے سے ھوں مضطر زینب کا یہ تھا نوحہ

گھر لٹا کے بھیا میں شام جا رہی ہوں
وقت ودا سکندر زینب کا یہ تھا نوحہ

☆☆

# قصیدہ

شان تیری کیا لکھوں ابن علی،
تو ولی ابن ولی ابن ولی۔

گود میں تجھ کو بٹھاتی تھی بتول،
شانوں پہ تجھ کو بٹھاتی تھی نبی۔

تو محمد مصطفیٰ کی جان بھی،
تو علی و فاطمہ کی جان بھی۔

تو حسن کا لاڈلا ہے اے حسین،
زینبِ کبریٰ کی تو ہے زندگی۔

زندہ و جاوید تیرا معجزہ،
تا قیامت تیرا دشمن لعنتی۔

تیرا عاشق ہوں ازل سے با خدا،
تو "سکندر" کی ہے مولا عاشقی۔

☆☆

## قصیدہ

کرو ورد علی ھردم پڑھو ناد علیؑ ہردم،
بس تیرے لبوں پر ہو فریاد علیؑ ہردم۔

مشکل میں پکاروگے۔ گر مولا علیؑ کو تم،
اس پل میں ہی پاؤں گے امداد علیؑ ہردم۔

تیرا دامن خوشیوں سے۔میرے مولا بھر دیں گے،
تیرے دل کی مرادو ں کی ہے مراد علیؑ ہر دم۔

تیرے آنگن میں ھردم، خوشیاں ہی خوشیاں ہوں،
بس تجھ کو رکھے ھردم آباد علیؑ ہردم۔

ابوذر کو دیکھو تم سلمان کو دیکھو تم،
وِلا پہ پاتے ہیں۔ بس داد علیؑ ہردم۔

کیا تیرے "سکندر" کو خوشیوں کا خزانا ہے،
ہر وقت مناتا ہے، میلاد علیؑ ہردم۔

☆☆

## دعا

تیرے غم میں رہوں ہے دعا یاحسین،
میرے لب پہ رہے یہ صدا یاحسین۔

شام ہو یا سحر ذکر تیرا کروں،
ذکر کیوں کر کروں میں قضا یاحسین۔

میں خطا کار ہوں میں سیاہ کار ہوں،
تو ہی محشر میں ہے آسرا یاحسین۔

جب بھی مشکل پڑی تو کشا ہو گئے،
میرے ہر درد کی ہے دوا یاحسین۔

جس سے راضی ہے تو اس سے راضی ہوں میں،
ہے خدا کا یہی فیصلا یاحسین۔

تو سناِ پہ قرآن ایسے پڑھتا رہا،
لوگ کہتے رہے ہے زندہ یاحسین۔

تونے راحب کو بیٹے عطا کر دیئے،
تو نے حر کی ہے بخش دی خطا یاحسین۔

تیرے در سے فرشتے شفا پا گئے،
تو فرشتوں کا دارالشفا یاحسین۔

شان و شوکت شرف مرتبہ با خدا،
تیرے صدقے مجھے یہ ملا یاحسین۔

شان تیری لکھوں تو لکھوں کیا بھلا،
تو سخا ہی سخا تو عطا یاحسین۔

ھے "سکندر" کے دل کی تمنا ہے یہ،
اپنے روضے کا زائر بنا یاحسین۔

☆☆

# غزل

دل کی مانوں میں کیا تو ہے میری صدا،
مر نہ جاؤں کہیں ہو نہ مجھ سے جدا۔

پیار تونے دیا زندگی بھر دیا،
بعد تیرے مجھے کون دیگا بتا۔

کاش تیرے بنا جیناآتا مجھے،
یوں نہ کہتا کبھی تو نہ جا دلربا۔

بات مانوں میری درد دینا نہیں،
دل دھڑکتا بہت ہے یہ تیرے بنا۔

سامنے تو رہے دیکھتا میں رہوں،
یہ عبادت کرتا رہوں گا ادا۔

جو قسم کھائی تھی اس کا رکھنا بھرم،
یہ "سکندر" کی ہے آخری التجا۔

☆☆

## غزل

کب سے ہیں بچھڑے کچھ پتا نہیں،
شاید میری دنیا ہوئی فنا نہیں۔

اگر پتا ہوتا تو مجھے کوئی،
لے جاتا صحرا میں وہ سزا نہیں۔

یا دوں کے دیپ جلاتا کبھی تو میں،
اب تک تو میرا جیون جلا نہیں۔

اشک بھی ہوتے تو تڑپ بھی ہوتی،
ہوئا کبھی وہ مجھ سے جدا نہیں۔

"سکندر" کی طرح روتا مقدر،
ایسی مجھ سے ہوئی خطا نہیں۔

☆☆

# غزل

نظر دیھرے دیھرے اٹھائو نہ سنگدل،
مجھے اس طرح سے مٹائو نہ سنگدل۔

میری سانس تیرے سوا کچھ نہیں ہے،
یوں اپنی نظر سے گرائونہ سنگدل۔

میں کاغذ کا کوئی تو ٹکڑا نہیں ہوں،
یوں مجھ کو بھی ایسے جلائو نہ سنگدل۔

تیرے بعد "سکندر" بھی دنیا نہیں ہے،
کروں کیا مجھے تم بتائو نہ سنگدل۔

☆☆

## گیت

تیری اک مسکراھٹ سے صنم،
میری کم ہوجائیں گے کتنے غم۔

زندگی کا ہم نے کیا سودا
تیری ہر بات پہ ہو جائوں فدا
میری چاھت کا تو بھی رکھنا بھرم۔

غم کا دریا ہے اور تنھائی
مار ڈالے نہ تیری رسوائی
میری حالت پہ کر دو کوئی رحم۔

یار "سکندر" کی تو محبت کا
اچھا دینا صلا تو چاھت کا
ہو گا مجھ پر تیرا کوئی کرم۔

☆☆

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

